وڏي جڏهن آءُ وڏو ٿيندس

(ٻاراڻا مزاحيہ ۽ اصلاحي ناٽڪ)

ليکڪ

اسرار شام

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ

2012ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (184)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

وڏي جڏهن آءُ وڏو ٿيندس (ٻاراڻا مزاحيہ ۽ اصلاحي ناٽڪ)

ليکڪ: اسرار شام

ڇاپو: پهريون

سال: جولاءِ 2012ع

تصويرون ۽ ٽائيٽل: رابيلا ابڙو
تعداد: 1000
قيمت: -/100 روپيا
ناشر: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Catalogue Reference
Sham, Israr
Wadhi Jadhan Aaoon Wado Theendus
(Comic plays for children)
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-9098-86-4

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

Wadhi Jadhan Aaoon Wado Theendus (Comic plays for children)

By: Israr Sham
Edition: 1st
Year: July, 2012
Quantity: 1000
Price: 100/-
Composed by: Asadullah Bhutto & Ehsan Laghari
Title & Sketches: Rabella Abro
Published by: Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority, Hyderabad, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-53
Fax: 022-9240051
E-mail: sindhila@yahoo.com
Website: www.sindhila.org
Printed by: Pakeeza Printers, Hyderabad, Sindh.

هيءُ ڪتاب، تاج جويي، سيڪريٽري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ميشرس پاڪيزه پرنٽرس حيدرآباد ڪان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

ارپنا

ٻوڏ سٽيل ٻارن جي نالي، جن
2010ع ۾ خيما بستين ۾ جنم ورتو

ـ اسرارشام

فهرست

ناشر نوٽ	ڊاڪٽر فهميده حسين	
ليکڪ پاران	اسرار شام	
مقدمو	خالد آزاد	
موڪل		16
نتيجو		20
ڪلاس روم		27
واٽ ويندي		36
اڄ جو اُستاد		43
سرٽيفڪيٽ		47
ڊاڪٽر اَسي، مت ڪَسي		52
ننڍڙو ڪُڪڙ چور		56
گدلاڻ		60
وڏي جڏهن آءٌ وڏو ٿيندس		65
يئيس سر(Yes Sir)		70
ٻچڙيوال		73

ناشر پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ٻاراڻي ادب جي اشاعت جي حوالي سان اشاعتي ڪميٽيءَ جن ڪتابن جي منظوري ڏني، انهن ۾ محترم اسرار شام جو هيءُ ڪتاب **"وڏي جڏهن آءٌ وڏو ٿيندس"** به هڪ آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊرامي يا ناٽڪ لکڻ جي ابتدا اوڻيهين صديءَ ۾ ٿي چڪي هئي ۽ اسين گهڻا سال اڳ سنڌي ناٽڪ جي صدي به ملهائي چڪا آهيون، پر اڄ اسان وٽ ناٽڪ نه هئڻ برابر آهي. نه سرڪاري ۽ نه ئي غيرسرڪاري ادارن پاران يا آرٽس ڪائونسلن پاران اُن کي جوڳي اهميت ڏني وئي آهي. نتيجوِاهو نڪتوآهي ته ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي وڏن شهرن ۾، جتي اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ٿئيٽر جو رواج آهي، خاص ڪري ڪراچيءَ ۾ نيشنل اڪيڊمي آف پرفارمنگ آرٽس (NAPA)، آرٽس ڪائونسل، پي اي سي. سي (پاڪ امريڪن ڪلچرل سينٽر) يا گوئٽي انسٽيٽيوٽ وارا مختلف ناٽڪ پيش ڪندا رهن ٿا، اتي سنڌي ناٽڪن لاءِ ڪابه ڪوشش ڪانه ٿي نظر اچي. اليڪٽرانڪ ميڊيا تي البت ريڊيائي ڊراما ۽ ٽيليويزن ڊراما پيش ٿين ٿا.

ڪتابي صورت ۾ ڊرامن لکڻ/ڇاپڻ جو رواج ختم ٿي چڪو آهي، پر اٿارٽيءَ طرفان هيءُ ڪتاب ان مقصد سان ڇپائي رهيا آهيون ته هڪڙو ته ان روايت کي جياريون ۽ ٻيو ته سي. ڊيءَ جي صورت ۾ ان کي پيش ڪري سگهون. اهڙين سي ڊين جي ٻارن جي تعليم تربيت ۽ تفريح لاءِ گهڻي ضرورت آهي. پهرئين مرحلي تي هيءُ ڪتاب ڇاپڻ کان پوءِ هن ۾ ڇپيل ناٽڪن کي اسٽيج تي پيش ڪيو ويندو ۽ پوءِ ان پيشڪش جي رڪارڊنگ کي سي.ڊيءَ ذريعي پڌرو ڪيو ويندو. اسان کي اميد آهي ته لئنگئيج اٿارٽيءَ جو اهو تجربو ڪامياب به ٿيندو ته پسند به ڪيو ويندو.

ڊاڪٽر فهميده حسين

چيئرپرسن

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

ليکڪ پاران

ناٽڪ ۾ ناٽڪ

ادب جي سمورين صنفن مان ناٽڪ (Drama) هڪ اهڙي اُتم صنف آهي، جيڪا ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سگهاري، ڪارائتي، لاڀائتي ۽ اثرائتي هجڻ ڪري مڃتا هيٺ ايندي رهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ اُن ۾ هڪ ئي وقت ڪتابن ۾ پڙهڻ، ريڊيوتي ٻُڌڻ ۽ اسٽيج ۽ ٽيليويزن تي ڏسڻ وارا جوهر موجود آهن. ناٽڪ لکندڙن اڳيان پڙهندڙ/ ٻُڌندڙ/ ڏسندڙ ٻن قسمن جا هوندا آهن: هڪڙا وڏا / بالغ ۽ ٻيا ننڍا / ٻار.

عالمي ادب جي حوالي سان خاص ڪري سڌريل ملڪن ۾ هن صنف جي ٻنهي ڀاڱن تي وڌيڪ ڪم ٿيو آهي ۽ ٿي بہ رهيو آهي، البتہ ترجيح ٻالڪڙن جي ناٽڪن بابت وڌيڪ رڪيل نظر اچي ٿي. ٻارن لاءِ ڪارٽون ناهيندڙ بانيڪار والٽ ڊزنيءَ کان وٺي،حال جي ڊراما سيريز 'هيري پوٽر' جي رڪارڊ توڙ بزنس اُن جو ڪليو ثبوت آهي.

عالمن جي سج مرزا قليچ بيگ ورهاڱي کان گهڻو اڳ سال 1880ع ۾ پهريون سنڌي اوپيرا ناٽڪ 'ليلا مجنون' لکي، سنڌي ادب ۾هن صنف کي پڻ پهريون پيرو ڏيڻ ويٺ ڪرائي، پهريون سنڌي ناٽڪ نويس هئڻ جو اعزاز حاصل ڪيو. ان کانپوءِ بہ ۾ (ورهاڱي کان پوءِ بہ) هن صنف ويجهڻ وڌڻ شروع ڪيو. اڻ ڳڻيا ناٽڪ ڇپيا، پيش ۽ نشر ڪيا ويا. اهو سلسلو موجوده ايڪيهين صديءَ ۾ بہ جاري ۽ ساري آهي. البت مجموعي طور ٻارڙن لاءِ سنڌي ناٽڪ تمام گهٽ ۽ نالي ماتر لکيا ويا. سبب ڪٿي معاشي تنگي، شهرت ۽ دولت جو نشو ئي ڇو نہ هجي، پر هڪ طرف عالمي صورتحال ۽ ٻئي طرف ٻاراڻي سنڌي ادب (زمان حال ۾ هوندي بہ)جي ڪوٽ جي پيش نظروڏن ناٽڪ جي ناٽڪين تي اخلاقي ۽ قومي فرض پڻ عائد ٿيو تہ ترجيحي بنيادن تي ان ڳاڻيٽي ۾ پنهنجو نالو ڳڻائن ها، پر ائين نہ ٿيو تہ مون پنهنجي ليکي پنهنجو پاڻ سان ناٽڪ ڪندي، سنڌ جي معصوم ٻارڙن لاءِ گهڻا مزاحيہ ۽ گهٽ سنجيده ناٽڪ لکڻ ۽ ڪرڻ جي شروعات تڏهن ڪئي، جڏهن سال 1964ع ۾ هاءِ اسڪول جو شاگرد هئس.

موقعي ۽ مهل جي مناسبت سان هن ادبي جرم جو اعتراف ڪندي، پنهنجي گهڻتائي محسوس ڪونہ ٿو ڪريان تہ دنيا جا ناٽڪي ڪتاب سون ۽ هزارن جي تعداد ۾ اڀياس هيٺ آڻڻ کان پوءِ ٻاراڻا ناٽڪ سرجيا اٿم، پر گهڻي ڀاڱي ڪپڙن ۾ ويڙهيل حق سچ جو 'اقرارنامو' سمجهڻ گهرجي تہ سمورا ناٽڪ مشاهدن آڏار سرجيا اٿم، جيڪي ٻارڙن کي اُن ڪري بہ وڻت جي دائري ۾ آڻيندا، جو اهي هنن لاءِ ئي لکيا اٿم. ان حوالي سان وت کان وڌيڪ اميد اٿم تہ وڏي عمروارن کي هي ناٽڪ وڻن نہ وڻن، پر ٻارن کي ضرور وڻندا، ڇاڪاڻ تہ 'گلوبل ڳوٺ' ۾ تبديل ٿي ويندڙ دنيا ۾اڪيون ڪوليندڙ اڄ جا ٻار نظم جي ڀيٽ ۾ نثر ۽ نثر جي صنف ناٽڪ کي وڌيڪ پسند ڪرڻ لڳا آهن. جڏهن تہ سنڌ ۾ ٻاراڻي ادب جي ڪوٽ وارو خال تاحال خلا ٻڌجندو پيو وڃي. هن خال کي گهڻي ڀاڱي ٻارڙن جا ننڍا

وڏا شاعر نظم ذريعي پيرڻ جي ڪري رهيا آهن. هنن جي نظر ۾ ڪهاڻي ۽ ناٽڪ شايد ڪائي اهميت نٿو رکي. ان صورتحال کي آڏو رکندي، پاڻمرادو فيصلو ڪيم تہ ٻاراڻي ادب جي ٻين صنفن تي ڪيل ڪم کي في الحال پاسيرو ڪندي، ترجيحي بنيادن تي ٻاراڻن ناٽڪن کي اوليت ڏيان. ان ڏس ۾ سنڌي ادب جي محقق ۽ ليکڪا ڊاڪٽر فهميده حسين، چيئرپرسن سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي هڪ درخواست ذريعي ننڍڙو پراجيڪٽ (ڊراما وڊيو ڪيسٽ) بمع بجيٽ ناهي، اسڪرپٽ سميت هٿوهٿ حوالي ڪيم. موٽ ۾ سيڪريٽري سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ طرفان هڪ خط هٿوهٿ ڏنو ويو، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ ”ڪميٽيءَ جي ميمبرن طرفان ٻارن لاءِ لکيل ڊرامن وارو مسودو ڇپائيءَ لاءِ اصولي طور منظور ڪيو ويو آهي، ان ڪري لکيل مسودي لاءِ ’مهاڳ‘ لکي موڪليو وڃي تہ جيئن ڇپائيءَ لاءِ وڌيڪ پيش رفت ڪري سگهجي.

اهڙي غيرمتوقع ڄاڻ پڙهي، اٿارٽيءَ جي اختيارين کي گذارش ڪيم تہ ڊرامن جو هيءُ اسڪرپٽ وڊيو رڪارڊنگ لاءِ ڏنو ويو هو. جواب مليو تہ في الحال ڊرامن کي ڪتابي صورت ۾ ڇپايو پيو وڃي، جڏهن تہ بعد ۾ هنن ڊرامن کي وڊيو جي صورت ۾ پڌرو ڪرڻ لاءِ پراجيڪٽ تيار ڪيو ويندو.

ڪاري ڪانءَ کان ڪنهن پڇيو تہ توکي ڪهڙا ٻچا وڻندا آهن؟ چيائين تہ مون کي منهنجا ڪارا ڪوجها ٻچڙا، دنيا جي ٻچن کان وڌيڪ چنڊ جهڙا سهڻا مُهٽا لڳندا آهن. اُن حوالي سان پنهنجي سرجيل ناٽڪن تي پاڻمرادو مهاڳ لکڻ بدران مهاڳ وارا ورق لکڻ لاءِ پنهنجي ٻالڪ ادبي شاگرد خالد آزاد (ڊائريڪٽر، پبليڪيشن، سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ) جي مٿي ۾ هنيم، جو ماضيءَ ۾ مٿس ڪي ادبي بقايائون رهيل هيون. هن بہ خوشيءَ سان ’هائوڪار‘ ڪري، مهاڳ لکڻ واري عذاب کان بچايو.

حرف آخر: ٿورائتو آهيان سنڌي ٻوليءَ اٿارٽيءَ جي چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين، سيڪريٽري تاج جويي، ڊائريڪٽر پبليڪيشن خالد آزاد، مسودو منظور ڪندڙ معزز ميمبرن، ڪمپيوٽر آپريٽرن، پروف ريڊر، پرنٽر، بائينڊر، مارڪيٽنگ مئنيجر وغيره وغيره جي لست ۾ نظر نہ ايندڙ علمي ادبي شخصيتن جو، جن جي گڏيل محنت جي نتيجي ۾ ٻاراڻي ادب جي بنجر ڪيتيءَ ۾ ناٽڪن جي ڳٽڪي جا گل ڪتابي صورت ۾ ڪڙي اُسريا، نسريا ۽ نروار ٿيا. الله واهي!

ـ اسرار شام

مهاڳ

سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪن جي ارتقا: هڪ جائزو

منهنجي آڏو اسرار شام جي ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪن جو مجموعو پيو آهي ۽ مون کي هڪڙو زبردست موقعو مليو آهي ته آءٌ ان جي مهاڳ لکڻ جي بهاني، سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪن جي ارتقا جو به ڇيد ڪريان، جو ان موضوع تي تحقيقي ڪم ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي. جيتوڻيڪ سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ ڪيترا ناٽڪ لکيل آهن، انهن مان ڪي ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهن ته ڪيترائي اسٽيج تي ادا ۽ ريڊيي تي صدا ڪيل آهن؛ پر هن سلسلي ۾ گهڻو ڪري ورهاڱي کان پوءِ اهو سڄو ڪم هندستان ۾ ٿيو آهي. سنڌ ۾ هي ورهاڱي کان پوءِ ٻارن جي ناٽڪن جو پهريون مجموعو ڇپجي رهيو آهي، جيڪو هڪ اهڙي شخص جو لکيل آهي، جنهن جي ذات جا ٻه حوالا آهن؛ هڪ سنڌي ٻاراڻو ادب ۽ ٻيو سنڌي ناٽڪ. ٻارن جي ناٽڪن جو هي ڪتاب **"وڏي جڏهن آءٌ وڏو ٿيندس"** اسرار شام جي ٻنهي حوالن جو امتزاج آهي. هتي آءٌ، هن ڪتاب ۾ موجود ناٽڪن تي لکڻ کان اڳ چاهيندس ته سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪن جي ارتقا جو ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ جو ڇيد ڪريان ته جيئن اسان لاءِ هن موضوع تي وڌيڪ تحقيقي ڪم ڪرڻ لاءِ راهه هموار ٿي سگهي.

سنڌيءَ ۾ لکيل ناٽڪن جا ڪيترائي موضوع ۽ قسم آهن. پر ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪن جا موضوع گهڻو ڪري مزاحيه ۽ اصلاحي رهيا آهن. جيئن مون مٿي ذڪر ڪيو ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ناٽڪن تي ڪم رڳو هندستان ۾ ٿيو آهي، ۽ هندستان ۾ ڇپيل ڪيترائي اهڙا حوالاجاتي ۽ تحقيقي ڪتاب ميسر آهن، جن کي آڏو رکي ناٽڪن جي ارتقا جو ڇيد ڪري سگهجي ٿو پر هن ڏس ۾ ورهاڱي کان پوءِ واري صورتحال ڪجهه مختلف آهي. هن موضوع تي ڪم ڪندي، جڏهن مون سنڌي ادب جون مختلف تاريخون ڦلوريڻ شروع ڪيون ته ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ مختلف ناٽڪ منڊلين ٻاران پيش ڪيل ۽ ڪتابي صورتن ۾ شايع ٿيل ناٽڪن بابت ڪيترائي مونجهارا سامهون آيا؛ مثال طور: ڇا سمورا ننڍا ۽ مزاحيه، نصيحت آموز ۽ اصلاحي ناٽڪ ٻارن لاءِ هئا؟ ڇا اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ برپا ڪيل ڊرئميٽڪ سوسائٽين جا ناٽڪ ٻارن لاءِ ئي پيش ڪيا ويندا هئا؟ اهي ساڳيا مونجهارا سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي تاريخ تي ڪم ڪندي به منهنجي سامهون پئي آيا آهن. اهڙيءَ ريت. ڪئپٽن جارج استئڪ جي گرامر (1949) جي ضميمي ۾ ڏنل آڪاڻي **"شهزادي امل ماڻڪ ۽ شهزادي حسين پريءَ جي آڪاڻي"**، پنڊت بنسي ڌر جي هندي قصي تان ورتل غلام حسين قريشيءَ جي ڪهاڻي **"ڀنيي زميندار جي ڳالهه"** (1854)، ساڳئي پنڊت بنسي ڌر جي هڪ ٻئي هندي قصي تان اُلٿو ڪيل ميران محمد شاهه(اول) جي **"سڏاتوري ۽ ڪڏاتوري جي ڳالهه"** (1855)" ۽ ٻين اوائلي آڪاڻين بابت به آئون هڪ وڏي عرصي کان وٺي مونجهاري جو شڪار هئس ته ڇا اهي خاص طور تي ٻارن لاءِ لکيون ويون هيون؟ پر جيئن ته انهن جو متن (Contents) موجود آهي، جنهن جي پيرايي ۽ ٻوليءَ مان اندازو ٿي وڃي ٿو ته اهي ٻاراڻيون آڪاڻيون آهن. پر ناٽڪن جي سلسلي ۾ اڃا به مونجهارا درپيش آهن، وڏيءَ ڪوشش جي باوجود مون کي انهن جو متن (Contents) نه ملي سگهيو آهي، البت وڏي احتياط سان انهن جي موضوعن ۽ ڪردارن کي سامهون رکي، هتي پنهنجي راءِ هن ريت پيش ڪريان ٿو ته:

1894ع ۾ سنڌ ۾ پهرين سنڌي ناٽڪ منڊلي **"ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي"** قائم ٿي ۽ ناٽڪن جي لکجڻ ۽ پيش ڪرڻ جو سلسلو باقاعدي شروع ٿيو. شروعاتي سالن ۾ جيتوڻيڪ هن ناٽڪ منڊلي باقاعدي ٻارن لاءِ ڪو خاص ناٽڪ نه پيش ڪيو (۽ نه ئي شايد لکيو ويو)، پر مرزا قليچ بيگ جي مزاحيه ننڍن ناٽڪن: **"لوپي ۽ ٽوپگي"** (1894)، **"نيم حڪيم خطره جان"** (1897)، **"شيخ چلي ۽ اڳڻ مسخرو"** (1899) وغيره جي نالن ۽ موضوعن مان اندازو ٿئي ٿو ته اهي وڏن سان گڏ ٻارڙن لاءِ دلچسپ هوندا هئا. بعد ۾ هن ئي ناٽڪ منڊليءَ پهريون پيرو سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ باقاعدي

ناٽڪ "**سنگ جو پرسنگ**" پيش ڪيو جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي وڏي عالم ديوان ڪوڙي مل چندن مل ڪلناٽيءَ 1905 ۾ لکيو ۽ ساڳئي سال پيش ڪيو ويو. سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ هي پهريون ناٽڪ هو جنهن ۾ اسڪولي ڇوڪرن کي سٺي سنگت رکڻ لاءِ نصيحت ٿيل هئي. هيءُ ناٽڪ بعد ۾ اسڪولي شاگرد پنهنجي اسڪولن ۾ ڪندا هئا.

ديوان ڪوڙومل چندن مل ڪلناٽي، سنڌيءَ جو اهو عالم آهي، جنهن مون کي، سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب تي تحقيق دوران بيحد متاثر ڪيو آهي. 1853ع ۾ عربي سنڌي لپيءَ جي رائج ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جي جن عالمن ۽ اڪابرن سنڌيءَ ۾ مختلف موضوع تي بنيادي ڪم ڪيو، تن ۾ ديوان ڪوڙي مل جو نالو ته هونئن ئي اڳيان اڳيان هو، پر گڏوگڏ ديوان صاحب ئي اهو پهريون شخص هو جنهن ٻارن لاءِ سڀ کان پهريان ڪهاڻين ۽ شعرن جا طبعزاد ڪتاب لکيا. ان کان اڳ سيد ميران محمد شاهه اول جو ٻاراٽين ڪهاڻين جو ڪتاب "**مفيد الصبيان**" (1861) سنڌيءَ ۾ ٻارن جي آکاڻين جو پهريون ڪتاب آهي، پر ڇاڪاڻ ته اهي آکاڻيون اصلوڪيون نه هيون ۽ هنديءَ تان ورتل هيون، ان ڪري ديوان ڪوڙي مل چندن مل ڪلناٽيءَ جو ڪتاب "**ٻاراٽيون آکاڻيون**" ئي سنڌيءَ ۾ ٻارن جي اصلوڪين آکاڻين جو پهريون مجموعو آهي، جيڪو 1891ع ۾ شايع ٿيو.[1] ساڳئي سال يعني 1891ع ۾ ديوان ڪوڙي مل ٻارن لاءِ شعرن جو مجموعو "**ٻاراڻا شعر**" پڻ لکيو ۽ ڇپايو، جيڪو پڻ سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ لکيل شعرن جو پهريون مجموعو آهي. ساڳيءَ طرح اهو ديوان ڪوڙو مل چندن مل ڪلناٽي ئي هو جنهن سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ پهريون ناٽڪ 1905ع ۾ "**سنگ جو پرسنگ**" لکيو.

هي اهو دور هو جنهن ۾ سنڌ اندر ناٽڪ جي اوسر ٿي ۽ سنڌ ۾ ڪيتريون ئي ناٽڪ منڊليون قائم ٿيڻ لڳيون. اڪثر ناٽڪ منڊليون سنڌ جي ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ قائم ٿيون، جن ۾ شاگرد ئي حصو وٺندا هئا. انهن ناٽڪ منڊلين ۾ پيش ٿيندڙ ناٽڪن جي موضوعن ۽ ڪيفيت کي ڏسبو ته اهي هڪ ئي وقت وڏن ۽ ٻارن لاءِ دلچسپي ۽ سکيا جو باعث هئا. ڌرمي ناٽڪن کي ڇڏي، اڪثر ناٽڪن جا موضوع سماجي يعني "سماجي براين کان بچڻ، سٺي دوستي رکڻ، تعليم پکيڙڻ، قرض جي مرض کان بچڻ وغيره" جهڙا هوندا هئا، جڏهن ته انهن ناٽڪن جا اداڪار به سنڌ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن جا شاگرد هوندا هئا، ان ڪري اهي ٻارن لاءِ وندر ۽ سکيا جو سبب هوندا هئا. **ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ** پاران 1908ع ۾ پيش ڪرايل مرزا قليچ بيگ جو ناٽڪ "**گشت ڪي ڪشٽ**" ۽ ليلارامسنگ وطڻمل جا به ناٽڪ "**شاهه عادل خان**" ۽ "**لوپي لاکيٽا**" پڻ اصلوڪا ننڍا ناٽڪ هئا، جي شاگردن ۾ گهڻا مقبول ٿيا. اهڙيءَ ريت مرزا قليچ بيگ جا 1911ع ۾ "**حرڪت ۾ برڪت**" 1915ع ۾ "**شهزادو بهرام**" ۽ "**پرهيز جي ٽولي**" پڻ ساڳي ناٽڪ منڊلي، ڪراچيءَ وارن پيش ڪيا، جيڪي ٻارن سان گڏ وڏن لاءِ سکيا ۽ وندر جو سامان هئا. اهڙيءَ ريت **ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ**

(1) هن ڪتاب جي قيمت اڍائي آنا هئي، جيڪو مرڪنٽائيل پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپيو. هڪ هنڌ هن ڪتاب جي اشاعت جو سال 1894ع ڄاڻايل آهي، پر پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هن ڪتاب کي 1891ع جو ڄاڻايل آهي، جيڪو سال وڌيڪ مستند ٿو لڳي. هن ڪتاب جا 1898ع تائين ٽي ڇاپا شايع ٿيا، ٽيون ڇاپو قيصريه پريس حيدرآباد مان 1998 ۾ شايع ڪيو ويو.

سوسائٽيءَ پاران پيش ڪيل ناٽڪن ۾، خاص طور تي ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪ "**سنگ جو پرسنگ**" ئي پيش ڪيو ويو، جڏهن ته مٿي ذڪر ڪيل مرزا قليچ بيگ ۽ ليلارامسنگ وطڻمل جا ننڍا، مزاحيه ۽ اصلاحي ناٽڪ پڻ ٻارن لاءِ وندر ۽ سکيا جو ذريعو هئا.

سال 1919ع ۾ سنڌ جي برڪ عالم ۽ اديب لعل چند امرڏني مل "**نيو هاءِ اسڪول ڊرئميٽڪ سوسائٽي**" ڪراچيءَ ۾ قائم ڪئي، جنهن پاران ساڳئي ئي سال لعل چند جو ديس جي آزاديءَ تي لکيل پنهنجو ئي ڊرامو "**پارت ڇاوا اٿي جاڳ**" اسڪول جي ٻارن پيش ڪيو، جنهن مان ٿيل آمدنيءَ کي اسڪول جي غريب ٻارن جي پلائيءَ تي خرچ ڪيو ويو.[1] هي ناٽڪ وڏن اسڪولي شاگردن لاءِ هڪ اتساهي ناٽڪ هو. ان دوران، ٻارن جي هڪ اهم ناٽڪ منڊلي "**آس جي ٽولي**" ساڌو هيرانند اڪيڊمي اسڪول (موجوده گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر 1، حيدرآباد) جي شاگردن 1920ع ۾ قائم ڪئي. هيءَ ناٽڪ منڊلي پنهنجي ساليانه اسڪول تقريبن ۽ ٻين موقعن تي راٽي باغ ۾ اصلاحي ناٽڪ پيش ڪندي هئي. هن اسڪول جي

شاگردن سان رِيس ڪندي ساڳئي سال يعني 1920ع ۾ ئي ديوان پرڀداس شيوڪرام نوديالا هاءِ اسڪول (بعد ۾ مادل هاءِ اسڪول، اولڊ ڪئمپس، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد ۽ هاڻي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هاءِ اسڪول) پاران **"نوديالا هاءِ اسڪول آس جي ٽولي"** نالي هڪ ناٽڪ منڊلي برپا ڪئي وئي. هيءُ ناٽڪ منڊلي پڻ اڪثر راڻي باغ ۾ اسڪول جي سالياني جلسن ۽ تقريبن ۾ اصلاحي ۽ ،مزاحيہ ناٽڪ پيش ڪندي هئي.

1927ع ۾ شاهاڻي اسڪول ڪراچيءَ جي شاگردن هڪ ناٽڪ منڊلي **"شاهاڻي اسڪول ناٽڪ منڊلي"** قائم ڪئي، جيڪا پنهنجي اسڪول ۾ مختلف ناٽڪ پيش ڪندي هئي. هن ناٽڪ منڊليءَ جي پيش ڪيل ناٽڪن جو هدايتڪار اڪثر ڪري **پروفيسر منگهارام ملڪاڻي** هوندو هو. **"ٽي پارٽي"** نالي ناٽڪ مزاحيہ ناٽڪ هو جيڪو اسڪولي شاگردن ۾ گهڻو مقبول ويو. اهڙيءَ ريت 1939ع ۾ ميرپور خاص مدرسي ۾ **"اسڪول ناٽڪ منڊلي، ميرپورخاص"** قائم ٿي، جيڪا **"تعليم پکيڙيو تحريڪ"** جي سلسلي ۾ اصلاحي ناٽڪ پيش ڪندي هئي. هنن ناٽڪ منڊلين سان گڏ سنڌ جي ٻين بہ ڪيترن ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ ناٽڪ منڊليون قائم ٿيون، جن ۾ ٻارن جي دلچسپيءَ جا ناٽڪ پيش ٿيندا رهيا. هتي هن ڳالهہ کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ اهو ضروري نہ آهي تہ اسڪولن ۾ قائم ٻارن جون ناٽڪ منڊليون رڳو ٻارن جي ئي نفسيات کي آڏو رکي ناٽڪ پيش ڪنديون هيون، انهن جي پيش ڪيل ناٽڪن ۾ ڪيترائي سماجي موضوعن وارا وڏا ناٽڪ بہ اچي وڃن ٿا، پر ان ڳالهہ کي بہ رد نٿو ڪري سگهجي تہ اسڪولي ٻارن جا پيش ڪيل ناٽڪ ساڳئي وقت ٻارن لاءِ بہ دلچسپي ۽ سکيا جو ڪارڻ هوندا هئا.

سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ باقاعدي ناٽڪ جيڪو ڇپيل صورت ۾ ملي ٿو اهو آهي **"فسادي ڦوڪڙو"**. هي ناٽڪ ٻارن لاءِ ڪلائيمڪس ۽ مزاحيہ ناٽڪ هو جيڪو ڄيناننند ناگراڻيءَ جو لکيل هو. ٻارن لاءِ لکيل اهو زبردست ناٽڪ 1933ع ۾ ڪوڙي مل ساهت منڊل پاران چئن ناٽڪن جي مجموعي **"چار چهچٽا"** ۾ ڇپيل آهي. هي ناٽڪ باقاعدي ٻارن جي ذهني سطح کي سامهون رکي لکيو ويو. اهڙيءَ ريت 1931ع ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو "سنڌ ڪاليج مسلنيءَ" ۾ ڇپيل ناٽڪ **"ناخلف"** جيتوڻيڪ سنڌيءَ ريت ٻارن لاءِ ڪو مزاحيہ ناٽڪ نہ هو، پر ان جو مقصد اهو ئي هو تہ وڏڙن کي پنهنجي اولاد کي زبردستيءَ پنهنجي اباڻي ڌنڌي ۾ نہ لڳائڻ گهرجي، پر سندن چاهہ ۽ اهليت موجب پنهنجو آئيندو ناهڻ جو موقعو ڏجي. ساڳيءَ

(1) هي ڊرامو 1905ع ۾ پهريون ڀيرو لعل چند امرڏني مل "بندي ماترم ناٽڪ منڊلي جي پليٽ فارم" تان پيش ڪيو.

طرح **"اين جي وي هاءِ اسڪول مخزن"** ۾ 1937ع ۾ ڇپيل ناٽڪ **"پريت جي ريت"** پڻ اسڪولي ٻارن اسٽيج ڪيو جيڪو پڻ ٻارن لاءِ نصيحت آموز ناٽڪ ليکيو وڃي ٿو.

1939ع ۾ **سندر ساهتيہ منڊل**[1] پاران ستن ننڍن ناٽڪن جو مجموعو **"انڊلٽ"** ڇپيو. جيتوڻيڪ ادبي تاريخن جي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ اهو سنڌيءَ ريت ڄاڻايل نہ آهي تہ اهي ست ئي ناٽڪ خالص ٻارن لاءِ هئا، پر مون کي اهو اندازو آهي تہ اهي ٻارن لاءِ هئا. ان لاءِ مون وٽ دليل اهي آهن تہ **"سندر ساهتيہ منڊل"** جهڙو اشاعتي ادارو قائم ئي ٻارن جي ادب جي ترقيءَ لاءِ ڪيو ويو هو، جڏهن تہ ميلارام واسواڻي پاڻ هن ڪتاب جو مهاڳ لکيو، جنهن ۾ ننڍن ناٽڪن جي ٻولي ۽ پيشڪش تي وڏو بحث ٿيل آهي. ان کان سواءِ هن مجموعي ۾ **ڪشنچند بيوس** ۽ **ڄيناننند ناگراڻيءَ** جا ناٽڪ **"جگري قرباني، پوڙهي جو پرٽو، گامٽو بئريسٽر، آنرري مئجسٽريٽ"** ۽ ٻيا شامل آهن، جن جي ليکڪن ۽ موضوعن مان اندازو ٿئي ٿو تہ اهي ٻارن لاءِ ئي لکيل هئا. 1940ع ۾ بہ سندر ساهتيہ منڊل پاران ڌرمي ناٽڪن جو هڪ مجموعو **"رنگ برنگي ڪيل"** شايع ڪرايو ويو، جنهن ۾ پڻ ڪشنچند بيوس ۽ هوند راج دڪايل جا ننڍا ناٽڪ شامل ڪيل هئا. اندازو آهي تہ اهي بہ ٻارن لاءِ ئي هئا. ان دوران (يعني ورهاڱي تائين) ڄيناننند ناگراڻيءَ جا **"گامٽو"** سلسلي جا ڪيترائي ٻيا ناٽڪ ان دور جي مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيا، جيڪي پڻ ٻارن لاءِ لکيل ڀانئجن ٿا. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، پنهنجي ڪتاب "سنڌي نثر جي تاريخ" ۾ لکي ٿو تہ:

"هن دور ۾ "ڄيناننند ناگراڻيءَ" جا گامٽو سلسلي وارا ٻيا بہ گهڻائي اصلوڪا ننڍا ڪلائيمڪس ناٽڪ، مثلا "گامٽو ايڊيٽر"، گامٽو ڊاڪٽر"، " گامٽو M. L. A""گامٽو فلم ڪمپني"، "گامٽو گهوٽ" وغيره جدا جدا اخبارن ۾ پوندا هئا، جي لکندڙ

پاڻ ڪري ڏيکاريندو هو ۽ منجهن رام پنجواڻيءَ سان جوڙيدار ٿي، مکيہ پارٽ پڻ بخوبي ادا ڪندو هو. هن سڀنيءَ ۾ پنگتي اوڻاين تي مسخري گاڏڙ ٺٺولي هوندي هئي، پر منجهن مذاق جيڪا ڀريل هوندي هئي، سا دهري ۽ نازڪ نہ هوندي هئي...“ (2)

منگهارام ملڪاڻيءَ جي هن عبارت مان اندازو ٿئي ٿو تہ هي ناٽڪ پڻ ٻارن جي دلچسپيءَ خاطر لکيا ويا، جڏهن تہ ٻارن سان گڏ وڏا بہ انهن مان لطف اندوز ٿيندا هئا. هن سلسلي جي سمورن ناٽڪن کي 1942ع ۾ ”ڊي جي ڪاليج سرسوتي منڊل“ وارن اسٽيج ڪيو.

1947ع ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ، جتي مجموعي طور سنڌي ادب کي ڌڪ رسيو اتي ٻاراڻي ادب کي بہ وڏو نقصان پهتو. دادا شيوڪ ڀوڄراج، ميلا رام منگترام واسواڻي، بهاري لال هريرام ڇاٻڙيا، آر.وي، ٿڌاڻي، ڄيٺانند ناگراڻي ۽ ٻارن لاءِ لکندڙ ٻيا اديب ۽ ناٽڪ پيش ڪندڙ ڀارت لڏي ويا، ان ڪري ٻاراڻي ادب جي ٻين صنفن سان گڏ **”ٻارن جا ناٽڪ“** بہ ڄڻ تہ لکجڻ ۽ اسٽيج ٿيڻ بند ئي ٿي ويا. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻارن لاءِ مخصوص ناٽڪ نٿا ملن، پر ”زرعي ڪاليج سنڌي ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ (هاڻي سنڌ زرعي يونيورسٽي) ٽنڊي ڄام ۽ ”سچل آرٽس ڪاليج سنڌي ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ“ جي شاگردن جي ڪيل ڪجهہ ڊرامن ۾ محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو **”ڊزن ڊائلاگ“** (1953)، محمد دائود تاج جو **”اهيئي**

(1) ٻارن جي ادب جي واڌاري جي سلسلي ۾ سندر ساهتيہ منڊل“نالي هي اشاعتي ادارو ميلارام منگترام واسواڻي 1925ع ۾ قائم ڪيو. هي ادارو، سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جو پهريون اشاعتي ادارو آهي، جنهن باقاعدي ٻارن جا ڪتابڙا شايع ڪيا. مسٽر ميلارام منگترام واسواڻي، نہ صرف ٻين اديبن، عالمن کان ٻارن لاءِ ڪتاب لکائي، هن اداري پاران شايع ڪندو هو پر پاڻ بہ ٻارن لاءِ ڪيترا ڪتاب لکيا. (ميلارام بابت ڊاڪٽر الانا صاحب جي راءِ مختلف آهي، جنهن لاءِ ”سنڌي نثر جي تاريخ“ ڪتاب ڏسي سگهجي ٿو.)

(2) ملڪاڻي، منگهارام پروفيسر، سنڌي نثر جي تاريخ، ص 175 ۽ 176، ڇاپو ٽيون، جولاءِ 2007، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد

پنج“ (1958)، غالب لطيف جو **”ڪامياب ڪُوڙو“** (1960ع)، عبدالحق ابڙي جو **”هاءِ پيري“** (1964)، محمد يوسف پنهور جو **”گويہءِ اعظم“** (1965)، قاسم فانيءَ جا ٻہ ناٽڪ **”دولتمند ٺڳ“** ۽ **”کُٽل کاتو“** (1965) ۽ ٻيا شامل آهن. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ ٻارن لاءِ ناٽڪن لکجڻ ۽ پيش ٿيڻ جو دور ڄڻ تہ ختم ئي ويو.

ان وچ ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ”ٻارڙن جا ريڊيائي ڊراما“ پڻ نشر ٿيا، جن جو ذڪر ڪرڻ نهايت ضروري آهي. 1955ع ۾، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي نشريات شروع ٿي تہ وڏن سان گڏ ٻارن لاءِ بہ هفتيوار پروگرام شروع ٿيا. اهڙن پروگرامن ۾ هر آچر تي نشر ٿيندڙ هفتيوار پروگرام ”ٻارڙن جي ٻاري“ گذريل پنجاهہ سالن کان بہ وڌيڪ عرصي کان هلي رهيو آهي. پروگرام ۾ ٻارن لاءِ ٻين ڪيترين ئي دلچسپ ۽ تفريحي سلسلن سان گڏ ٻارن جي ريڊيائي ڊرامن جو بنياد بہ وڌو ويو. ٻارن جي ڊرامن جا اوائلي پروڊيوسر ايم.بي انصاري، مصطفيٰ قريشي، سرور بلوچ، زاهد قلباڻي، محمد انور بلوچ ۽ نصير مرزا رهيا آهن. هن پروگرام جي سموري عرصي دوران جن ناميارن ليکڪن ريڊيو حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ٻارن لاءِ مخصوص پروگرامن لاءِ تفريحي، اصلاحي ۽ سائنسي موضوعن تي شاندار ڊراما لکيا، تن ۾ امر جليل، سيد منظور نقوي، فيروز الدين احساس، حيات علي شاهہ بخاري، سيد ماڪن شاهہ رضوي، گلزمان قاضي، شهزادو گلفام، پروانو سيوهاڻي، اڪبر جسڪاڻي ۽ ٻيا شامل آهن. سنڌي ٻوليءَ جي ٻن نمائنده ليکڪن ادل سومري ۽ نياز پنهور وري ٻارڙن لاءِ منظوم ڊراما لکيا، جن جا نالا هئا: **پکين جو مشاعرو، ميون جو مشاعرو، ڀاڄين جو مشاعرو**. اڪبر جسڪاڻي پنهنجي جن ٽن آکاڻين کي ريڊيو ڊرامي جو روپ ڏنو انهن جا نالا هئا: **رمون پيٽي، خيرو حجم ۽ ماما مکڻ**. ’ماما مکڻ‘ سندس اهڙو سلسليوار ٻاراڻو ڊرامو هو جيڪو تيرهن قسطن تي مشتمل هو. اُن ڊرامي ۾ ماما مکڻ جو ڪردار محمد اشرف بلوچ ڪندو هو.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ ٻالڪ ٻارين، تنظيمن، بزمن ۽ هفتيوار اخباري ٻارڙن جي صفحن جي هڪ لهر پيدا ٿي، جيڪا هڪ باقاعدي تحريڪ جي شڪل اختيار ڪري وئي. ناٽڪ منڊليون ۽ ٻارن جا ناٽڪ تہ هونئن ئي ورهاڱي سان گڏ هندستان منتقل ٿي ويا، پر هاڻي ناٽڪن جي جاءِ خاڪن ۽ ٽيبلن ڀري ورتي. غلام مرتضيٰ ڀٽي ۽ مقبول

پٽيءَ جي **"بزم گلستان"**، روزاني عبرت اخبار جي هفتيوار ٻارن جي ادبي صفحي **"ٻارن جي ٻاري"**، مهراڻ اخبار جي **"معصومن جي مجلس"**، روزاني هلال پاڪستان جي ٻارن جي صفحي **"گلن جهڙا ٻارڙا"**، روزاني خادم وطن جي هفتيوار ٻارن جي ادبي صفحي "ڦلواڙي"، اياز پاٽوليءَ جي **"اداره گلشن ادب ۽ بزم گلشن سنڌ"**، ناز سنائيءَ جي **چٽنگ سنگت، لطيف سنگت** کان سواءِ **ساٿي ٻارڙا سنگت، سجاڳ ٻار تحريڪ** ۽ ٻارن جي ٻين تنظيمن، رسالن ۽ اخباري صفحن پاران سڄيءَ سنڌ ۾ ٻارن جي ميلن، ڪنونشنن ۽ ساليانن پروگرامن جو هڪ سلسلو شروع ٿيو جن ۾ ننڍا ننڍا خاڪا (ناٽڪ نٿو چئي سگهجي) پيش ڪيا ويندا رهيا. هنن خاڪن ۾ ٻارن توڙي وڏن جي مسئلن جي اپٽار ڪيل هوندي هئي. گهٽو ڪري انهن جا موضوع ورهاڱي کان اڳ وارا ساڳيا، يعني مزاحيہ، ڪلائيمڪس ۽ نصيحت آموز هوندا هئا. هي سلسلو اڄا تائين جاري آهي، پر موجوده دور ۾ خاڪن جي جاءِ تي ٽيبلوز اچي ويا آهن، جن ۾ اداڪاريءَ سان گڏ رقص ۽ موسيقيءَ جا عنصر ملي، انهن کي وڌيڪ دلچسپ ڪندا آهن. موجوده دور ۾ سنڌي توڙي اردوءَ ۾ ڪيترائي اهڙا گيت ۽ نظم آهن، جيڪي خود هڪ ناٽڪ/ ڪهاڻي آهن، ان ڪري ٻار جڏهن انهن کي ٽيبلو جي صورت ۾ پيش ڪندا آهن تہ اهو ٽيبلو سان گڏ ناٽڪ بہ ٿي پوندو آهي. اهڙن گيتن / نظمن ۾ موتي پرڪاش جو گيت **"متيءَ مان سون بنائڻ وارا سنڌي"** ۽ فيض احمد فيض جو نظم **"هم ديکهين گي"** نهايت اهم آهن، جن تي ٻار اڪثر ٽيبلو پيش ڪرڻ دوران ناٽڪ جو روپ بہ ڏيئي وٺندا آهن.

موجوده دور ۾ جيتوڻيڪ ٻارن جون تنظيمون، اخباري صفحا ۽ رسالا گهڻي ڀاڱي بند ٿي ويا آهن، پر اسڪولن جي ساليانن تقريبن ۽ ٻين علمي ادبي پروگرامن ۾ ٻارن کان ٽيبلو ڪرايا ويندا آهن. هن وقت قليچ سنگت سنڌ جي سربراهہ زيب نظاماڻي ۽ ان جي ٻارن جي ٽيم پاران سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٽيبلو ۽ خاڪا پيش ڪيا پيا ويندا رهيا آهن.

ٻئي پاسي، ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي ويندڙ اديبن ۽ ناٽڪ پيش ڪندڙن پنهنجو ڪم نہ صرف جاري رکيو، پر ان ۾ وڏي ترقي ۽ واڌارو ٿيو. انهن هندستان ۾ نہ صرف تمام گهڻا ناٽڪ لکيا، پر اهي ڪتابي صورت ۾ ڇپايا ۽ اسٽيج بہ ڪيا. هن سلسلي ۾ هوندراج بلواڻيءَ جي **"گلستان پبليڪيشن، احمد آباد"** ٻارن جا ناٽڪ ڇپائڻ تي زور ڏنو تہ جيني لالواڻيءَ جي **"سنڌو ٻال ڪلاڪار منڊل"** ٻارن جي ناٽڪن کي اسٽيج ڪرڻ جو ڪم ڪيو. ان کان سواءِ **"سنڌ اڪيڊمي هاءِ اسڪول، احمد آباد"**، **"سنڌ ٻال سرڪل، احمد آباد"**، **"چلڊرينس ٿيئيٽر" احمد آباد** ۽ ٻين سنڌي اسڪولن جي شاگردن هندستاني ريڊيي **"آڪاش واڻيءَ"** جي احمد آباد، بڙودا، دهلي، بمبئي، جئپور، پوپال، ڀج ۽ ٻين اسٽيشنن تان ٻارن جا ريڊيائي ناٽڪ پيش ڪيا.

هن ڏس ۾ ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ جيڪو پهريون ٻارن جو ناٽڪ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو، اهو آهي **"چهچٽا"** جيڪو منوهر داس ڪوڙي مل پاران 1964ع ۾ شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب ۾ صحت تي ننڍا ننڍا ناٽڪ شامل ڪيا ويا آهن. بعد ۾ جيڪي ناٽڪ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا، تن ۾ هوند راج بلواڻيءَ جا **"ڏهين جو نوٽ"**، (1968) **"رنگ رنگيلي"** (1980) ۽ **"انمول موتي"** (1982)، جيني لالواڻيءَ جا **"ترنگي روشني"** 1986)، **"شريمان ڦيرو ڦرڪي"** (1996)، **"مسٽر گپوڙيداس"** (1998) ۽ **"مُڇر مامو"** (2006)، ڪيرت مهر چنداڻيءَ جا **"گلن جهڙا ٻارڙا"** (1969) ۽ **"سدا مهڪن گلڙا"** (1970)، پڳونتي ڪريجا جو **"جمني ڪئي شادي"** (1980)، چندرسين ناواڻيءَ جو **"پوسٽ جو ڊبو"** (1982) رام پڳچنداڻيءَ جو **"پلي آيو آرتوار"** پوپٽي هيرانندانيءَ جو **"راڻي پدمڻي"** (1982) ۽ ٻيا شامل آهن.

اهڙيءَ ريت هندستان ۾ جاري ٿيندڙ ٻارن جي رسالن **"گلستان"** (حيدرآباد)، **جهرمر** (احمدآباد) **"ڦلواڙي"**، **"ادبي چمن"** ۽ ٻين ۾ ٻارن جا 30 کن ناٽڪ ڇپيل آهن، جن مان ڏهاڪو کن تہ رڳو هوند راج بلواڻيءَ جا لکيل آهن. ساڳئيءَ طرح **"آڪاشواڻيءَ"** جي احمدآباد، بڙودا، دهلي، ممبئيءَ ۽ ٻين اسٽيشنن تي 25 جي لڳ ڀڳ ٻارن جا ڊراما/ ناٽڪ هلي چڪا آهن، جن جي ليکڪن ۾ هوند راج بلواڻي، ڪيرت مهر چنداڻي، هريش ڪڪواڻي ۽ جينو لالواڻي شامل آهن، هي سلسلو اڄا تائين هلندڙ آهي.

هاڻي اچان ٿو **اسرار شام** جي ناٽڪن جي هن مجموعي تي جنهن ۾ ڪل 10 ناٽڪ آهن. جيئن مون شروعات ۾ ذڪر

ڪيو آهي تہ اسرار شام جي شخصيت جا بہ نمايان پهلو آهن. هڪ ٻاراڻو ادب ۽ ٻيو سنڌي ناٽڪ. سندس هي مجموعو ٻارن جي ناٽڪن جو آهي، ان ڪري ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ اسرار شام کان بهتر، هن موضوع تي ڪو ٻيو لکي سگهي. هن مجموعي ۾ شامل ناٽڪن جا موضوع بہ اهي ئي ساڳيا، يعني مزاحيہ، ڪلائيمڪس نصيحت آميز تاريخي سبق آميز سماجي سڌاري ۽ ماحولياتي بچاءَ جو پرچار ڪندڙ تعليمي مسئلن ۽ انهن جي حل توڙي ٻارن جي نفسيات ۽ انهن جي ماحول مطابق آهن. فرق اهو آهي تہ هنن ناٽڪن جي ٻولي ۽ منظرنگاري توڙي ماحول موجوده دور جي عڪاسي ڪري ٿو. هي ناٽڪ اصل ۾ تي وي ٿيڪنڪ تي لکيل آهن، جن جو اصل مزو "وڊيو سي ڊي" جي صورت ۾، ڏسڻ سان ايندو، پر پهرئين مرحلي ۾ انهن کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويو آهي. هتي ترتيبوار آءٌ مجموعي ۾ شامل سمورن ناٽڪن جو جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو:

موڪل: هي هڪ ننڍڙو مزاحيہ ناٽڪ آهي، جنهن ۾ اسڪولي شاگردن جي چالاڪين ۽ اسڪول مان ڀڄڻ ۽ پوءِ پڪڙجي پوڻ جي منظرنگاري ٿيل آهي. هن قسم جا ننڍڙا ناٽڪ اڪثر اسڪولن جي ساليانن پروگرامن ۾ ٻار "خاڪن" جي صورت ۾ پيش ڪندا آهن، جيڪو پڻ هڪ ننڍڙي ناٽڪ جو قسم آهي. ٻارن جي ادب ۾ "مزاح" جي عنصر جي وڏي اهميت آهي، جو ٻار جيڪا ڳالهہ ڪل يوڳ ۾ سکي ٿو، اها هُو سنجيدي ماحول ۾ گهٽ پرائي ٿو. مزاحيہ اسلوب ۾ لکيل هي ناٽڪ جتي ٻارن لاءِ دلچسپي ۽ وندر جو ڪارڻ آهي، اتي ان ۾ سکيا جو عنصر بہ شامل آهي.

نتيجو: هي بہ هڪ مزاحيہ ناٽڪ آهي، جيڪو اسڪول ۽ گهر جي ماحول ۽ پاس ۽ ناپاس ٿيڻ جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. هي ناٽڪ اهڙن والدين جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪي پنهنجي ٻارن جي تعليم ۽ تدريس تي ڌيان ڏيڻ بدران گهٽي لاڏ ۽ ڪوڏ سان سندن خانو خراب ڪري ڇڏيندا آهن. امتحان ۾ ٻار جي فيل ٿيڻ جي صورت ۾ ٻار تي وڏيڪ ڌيان ڏيڻ بجاءِ پنهنجا اثر رسوخ استعمال ڪري انهن کي پاس ڪرائڻ ۽ سفارش جي ڪلچر کي هٿي ڏيندا آهن. جيڪڏهن ابتدا ۾ ئي گهر اندر ٻار کي اهڙو ماحول مليو تہ اهو وڏو ٿي سماج ۾ مثبت ڪردار ادا نہ ڪري سگهندو. هي ناٽڪ گهر ۾ والدين جي غيرذميواريءَ جي عڪاسي ڪري ٿو.

ڪلاس روم ۽ اڄ جو استاد: هي ٻئي ناٽڪ بہ بنيادي طور مزاحيہ ناٽڪ آهن، جن ۾ اسان جي تعليمي سرشتي جي ناڪاميءَ جي چٽي عڪاسي آهي. هن ناٽڪ ۾ ٻهراڙين جي اسڪولن ۾ استادن جي اهليت ۽ قابليت تي طنز ٿيل آهي. ظاهر آهي تہ استادن جي قابليت ۽ رويو ئي شاگردن ۾ پنهنجو عڪس پيش ڪري ٿو. ان ڪري هنن ناٽڪن ۾ "جهڙا استاد، تهڙا شاگرد" جي موضوع تي مڪالما آهن. ٻئي ناٽڪ ٻهراڙين جي اسڪولن جي پسمنظر تي لکيل آهن.

واٽ ويندي: هي ناٽڪ هڪ ڳوٺاڻي ٻار جي زندگيءَ تي آڌاريل آهي، جيڪو ڪنهن ڪم سانگي اچي ٿو ۽ هڪ بشني، جادوگر ۽ پوليس واري هٿان نڱجي وڃي ٿو. هي ناٽڪ اسان جي سماج ۾ موجود اهڙين بُراين جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ وک وک تي ملن ٿيون.

سرٽيفڪيٽ: هي ناٽڪ بہ ڳوٺاڻي زندگيءَ ۽ ڳوٺاڻي تعليمي سرشتي جي اوڻاين تي ٻڌل آهي. دنيا ۾ تعليم جي شعبي جي اهميت، سماج جي ٻين سمورن شعبن کان وڌيڪ آهي، ان ڪري خاص طور تعليم تي تمام گهڻو ڌيان ڏيندي، ان تي جيترو وقت ۽ پئسو خرچ ڪيو ويندو آهي، اوترو ئي نتيجو حاصل ڪيو ويندو آهي. پر بدقسمتيءَ سان اسان جي ملڪ ۾ ان جي بلڪل ابتڙ آهي. جنهن ماڻهو کي ڪا ٻي نوڪري نٿي ملي، ان کي "ماستري" تہ ملي ئي وڃي ٿي. ان کان سواءِ سياسي اثر بہ جيترو تعليم ڪاتي تي هلي ٿو، اوترو ڪنهن ٻئي ڪاتي تي نٿو هلي. نتيجي ۾ سنڌي قوم جي اجتماعي تعليمي صورتحال انتهائي تيزيءَ سان پستيءَ ڏانهن وڌي رهي آهي. هن ناٽڪ ۾ بہ لڳ ڀڳ اهڙي صورتحال جي عڪاسي ٿيل آهي.

ننڍڙو ڪُڪڙچور: هي ناٽڪ اسان جي سماج ۾ پوليس جي ڪردار ۽ ٻهراڙيءَ جي هوٽلن تي هلندڙ فلمن جي نتيجي ۾ تيار ٿيندڙ نئين نسل جي اخلاقي ۽ سماجي پستيءَ جي نشاندهي ڪري ٿو. ننڍو اصلاحي ۽ مزاحيہ ناٽڪ آهي. هندستان ۾ هن قسم جا ناٽڪ گهڻا لکيا ويا آهن.

گدلاڻ: هيءُ هڪ مزاحيہ ۽ اصلاحي ناٽڪ آهي، جنهن ۾ ڌرتيءَ تي ماحولياتي گدلاڻ کان بچاءُ ۽ ان جي سبب جي نشاندهي ڪيل آهي. موجوده دور جديد انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ جو دور آهي. ڳوٺ هجن يا شهر، تيز ۽ تڪڙي ميڊيا ماڻهوءَ کي دنيا جي هر قسم جي معلومات منٽن ۾ فراهم ڪريو ڇڏي. اهڙيءَ ئي ڪهاڻي هن ناٽڪ ۾ آهي تہ ڪيئن نہ هڪ ٻار ميڊيا تي ماحول جي بچاءُ جي مهم کان متاثر ٿي پنهنجي ڪٽنب ۽ ماحول کي بچائڻ لاءِ اڳيرائي ڪري ٿو.

وڏي جڏهن آئون وڏو ٿيندس: هي ٻاراڻو سنجيدو ۽ نصيحت آميز ناٽڪ آهي، جنهن ۾ وڏڙن جي عزت ۽ انهن جو چيو مڃڻ، تعليم جي اهميت، ڳوٺ ۽ علائقي ۾ جهيڙن جهٽن کان پاسي ڪرڻ ۽ وطن جي حفاظت ۽ ان جي سربلنديءَ لاءِ وڙهڻ جو درس ڏنل آهي. ماضيءَ ۾ هن قسم جا ڪيترائي ناٽڪ لکيل آهن.

اهڙيءَ ريت مجموعي طور هن مجموعي ۾ شامل ناٽڪ مزاحيہ، اصلاحي، تاريخي ۽ نصيت آميز آهن ۽ اهي ئي موضوع آهن، جيڪي ٻارن لاءِ پسنديده ۽ دلچسپيءَ جو سبب هوندا آهن. هن مجموعي ۾ شامل مزاحيہ ناٽڪن کي وڏيڪ دلچسپ بنائڻ لاءِ عام ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جو استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪا ڳالهہ ڪٿي ڪٿي "ٻوليءَ جي تلخ استعمال" ۽ ٻارن جي ذهني پهچ کان مٿاهين بہ لڳي ٿي. ان ڪري ليکڪ کي ان ڳالهہ جو خيال رکڻ گهرجي ها. ان کان سواءِ مجموعي ۾ اسرار شام جا سمورا ناٽڪ گهڻو ڪري ڳوٺاڻي ٻار جي زندگي، سندن مسئلن ۽ مونجهارن توڙي خوشين ۽ پريشانين جي عڪاسي ڪن ٿا، جڏهن تہ شهر جي ٻارن، انهن جي زندگي ۽ انهن جي مسئلن جو پسمنظر بہ ڏيڻ گهرجي تہ جيئن شهرن توڙي ٻهراڙيءَ جي ٻارن لاءِ هڪجيترا ڪارائتا ثابت ٿين.

هي ناٽڪ اصل ۾ وڊيو رڪارڊ ڪري، سي ڊين جي صورت ۾ آڻڻ لاءِ لکيا ويا آهن، پر پهرئين مرحلي طور هنن ناٽڪن کي ڪتابي صورت ۾ پڌرو ڪيو پيو وڃي. موجوده وقت ۾ وڊيو کان وڌيڪ اينيميشن کي اهميت ڏني پئي وڃي، پر ان لاءِ ڊرامي/ ڪهاڻي/ نظم جو دورانيو وڌ کان وڌ اڌائي منٽ هئڻ گهرجي، جڏهن تہ هن مجموعي ۾ شامل اڪثر ڊراما وڏا آهن. بهرحال، جڏهن هنن ڊرامن کي وڊيو يا اينيميشن جي صورت ڏني ويندي تہ ان حساب سان ايڊيٽنگ جي گنجائش ضرور نڪرندي.

مون کي اميد آهي تہ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻارن جي ناٽڪن جو ڇپيل هي پهريون مجموعو، ان قدم جي شروعات ثابت ٿيندو، جو اسان سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ڊرامن/ ڪهاڻين/ نظمن ۽ آڪاڻين وغيره جون اينيميٽيڊ سي ڊيون تيار ڪنداسين ۽ اها ئي هن جديد انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ جي دور جي گهرج آهي.

_ خالد آزاد

مددي ڪتاب:

1. الانا، ڊاڪٽر غلام علي، سنڌي نثر جي تاريخ، سنڌي ساهت گهر، ڇاپو ٽيون، 1999ع
2. بلواڻي، هوندراج ڊاڪٽر، سنڌي ٻال ساهتيہ، ڇاپو ٻيو، سنڌي ساهت گهر، 2007ع
3. بلواڻي، هوندراج ڊاڪٽر، گول مٽول، مهارٿي سوسائٽي، سردار نگر، هندستان، 2003
4. جوڻيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار، سنڌي ادب جي تاريخ، جلد پهريون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006
5. عرساڻي، ڊاڪٽر شمس الدين، سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ، ڇاپو پهريون، اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، 2009ع
6. لالواڻي، جينو ڊاڪٽر، مُڇر مامو، ڇاپ پهريون، سنڌي ساهتيہ اڪيڊمي، گجرات، 2006
7. ملڪاڻي، پروفيسر منگهارام، سنڌي نثر جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع
8. ميمڻ، خان بهادر محمد صديق، سنڌ جي ادبي تاريخ، ڇاپو چوٿون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 2000
9. نهالاڻي منوهر، سنڌي ٻال ساهتيہ هڪ نظر، گجرات سنڌي اڪادمي، هندستان، 1992.
10. هڪڙو، ڊاڪٽر انور فگار، شڪارپور جي صحافتي تاريخ، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2004ع.

وَڏي جَڏهن آءُ وڏو ٿيندس

(ٻاراڻا مزاحيہ ۽ اصلاحي ناٽڪ)

موکل



موڪل

ائڪٽ_ 1

جاءِ: **اسڪول هيڊماسٽر جي آفيس**

وقت: **صبح جو پهر**

سامان: **اسٽيشنريءَ سان سجايل هڪ ميز، ٽي عدد ڪرسيون، ٻہ عدد ٽيليفون سيٽ، گهڙيال ۽ قلمدان وغيره.**

ڪردار: 1_ **هيڊماسٽر** 2_ **جهونو (ملاقاتي)** 3_ **نامعلوم (شاگرد)** ۽ 4_ **گلڻ (شاگرد)**

ڏيک: **هيڊماسٽر صاحب آفيس ۾ ويهي لکپڙهہ ڪري رهيو آهي. اوچتو ٽيليفون جي گهنٽي وڄي ٿي. بيزاريءَ وچان مٿي تي هٿ ڏيئي ٽيليفون ڏانهن ڏسي ٿو. لکپڙهہ وارو فائيل بند ڪري رسيور کڻي ٿو.**

چشمو درست ڪندي:
Inter cut
پوڙهن وارو آواز تبديل ڪندي:
ڪالر ۽ گلو درست ڪندي:

هيڊماسٽر: هيلو، هيڊماسٽر اسپيڪنگ

نامعلوم ٻالڪ: السلام عليڪم

هيڊماسٽر: وعليڪم السلام، وعليڪم السلام، حڪم ڪريو؟

ٻالڪ: اطلاع ڪرڻو هو تہ اڄ منهنجو پٽ طبيعت ناساز هئڻ ڪري اسڪول اچي نہ سگهندو.

شڪي ٿي مائوٿ پيس تي هٿ رکي پاڻ مرادو ڳالهائي ٿو:
ماؤٿ پيس تان هٿ کڻي ڳالهائيندي:
خوش ٿيندي:

هيڊماسٽر: هون؟ ڊرامو ٿو ڪري استادن سان، مڙيئي خير آهي، مڙيئي خير آهي. درخواست ڏياري موڪليو.

رعب سان:

ٻالڪ: مهرباني سائين! اجهوٿو موڪليان؟

بدحواسيءَ ۾ اکيون ڦيرائي، ڳيت ڏيندي:
ڪرسيءَ تان اٿي ڪڙو ٿيندي:
Cut to cut

هيڊماسٽر: ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي. پر اوهان ڪير ڳالهائي رهيا آهيو؟

ٻالڪ: منهنجو پيءُ!

هيڊماسٽر: جي؟

جهونو In ٿيندي، چيلهه تي هٿ ۽ لڪڻ اٿس.
رسيور رکي، هٿ ملائيندي:
ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪندي:
ڪرسيءَ تي ويهندي:

جهونو: سلاماليڪم ماستر وڏا؟

هيڊماسٽر: وعليڪم سلام ويهو ويهو، جهونا ويهو.

جهونو: لک لائق قرب. خوش باش آهيو.

هيڊماسٽر: رب جا احسان آهن. گهڻن ڏينهن کان پوءِ پيا ڏسجو.

جهونو: بس ماستر وڏا، هاڻ تہ پيريءَ ۾ هلڻ بہ ڪونہ ٿو ٿئي. 'داختر' وٽ پي ويس، اسڪول وٽان گذرڻ ٿيو تہ سوچيم نينگر جي بہ خبر چار وٺندو هلان. پڙهي بہ پيويا چڙواڪ ڪارا پيو ڪري؟

ٺهڪ ڏيندي:

هيڊماسٽر: ڪهڙيون ڳالهيون ٿا ڪريو جهونا؟ اوهان جو نينگر گلڻ اسان جي اسڪول جو نَڪُ آهي، نَڪُ. روز اچي، روز وڃي. هوشيار شاگرد آهي. خاطري ڪريو. آيا آهيو تہ ملندا بہ وڃوس. ها، ابا پٽيوالا... ڇا نالو اٿئي؟

نراڙ تي زور ڏيندي:
اوچتو ٽيليفون جي گهنٽي وڄي ٿي.
رسيور کڻندي:
Inter cut

جهونا هڪڙو منٽ!

روئٽهارڪو ٿي:

هيلو؟

اوچنگار ڏيندي:

شاگرد: سائين، السلام عليڪم!

چرڪ پريندي:

cut to cut

ٽپ ڏيئي اٿندي:

رسيور ڏيکاريندي:

رسيور جهوني ڏانهن ڪندي:

هيڊماسٽر: **بابا وعليڪم السلام. ڪير پيا ڳالهايو؟**

شاگرد: **اوهان جو فرمانبردار شاگرد گلڻ.**

هيڊ ماسٽر: **ڇا، اڄ اسڪول نہ ايندؤ ڇا؟**

شاگرد: **نہ سائين! اڄوڪي موڪل منظور ڪرڻ فرمائيندا.**

هيڊ ماسٽر: **پر ڇو؟**

شاگرد: **منهنجو ڏاڏو گذاري ويو آهي.**

هيڊماسٽر: **اڙي، ڇا چيئي؟ تنهنجو ڏاڏو تہ منهنجي آفيس ۾ ويٺو آهي.**

جهونو: **جي؟**

شاگرد: **جي؟**

هيڊماسٽر: **جي!!**

[تي وي ٽيڪنڪ تي لڪيل]

نتيجو

نتيجو

ائڪٽ_ 1

جاءِ: گهر

سامان: صوفا سيٽ، ڪرسي، ميز، اخبار، بلبن جو هار ۽ ڪتاب وغيره

وقت: صبح

ڪردار: سيڀگو (پيءُ) روشن (پُٽ _1) طفيل (پُٽ _2) ۽ عالم (پُٽ_3)

پردو کُلي ٿو.

ڏيک: ننڍڙو روشن ڪرسيءَ تي پريشان حالت ۾ ويٺو آهي. ميز تي ٻيئي ٽوننيون رکي، چهري کي هٿن ۾ لڪايو ويٺو آهي. ميز تي ڪجهه ڪتاب بہ پيل نظر اچن ٿا. ايتري ۾ روشن جو پيءُ، چاچو سيڀگو خاموشيءَ سان اخبار پڙهندو اندر داخل ٿئي ٿو.

سيڀگو: (بيزار ٿي اخبار ويڙهيندي) اخبار وارن جي بہ خبر ڪانہ ٿي پوي، ڪلهہ امتحان جي رزلٽ سخت شايع ڪئي اٿن، اڄ وري نمبر ڪٽندڙن جا فوٽا ۽ انٽرويو ڏنا اٿن! خير خير (روشن ڏانهن ويجهو ويندي ۽ ڳراٽڙي پائيندي) روشن پُٽ؟

روشن: (اُٿندي) جيءُ بابا!

سيڀگو: پُٽ غم نہ ڪر،جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو. دراصل تنهنجي قسمت ۾ ئي ائين لکيل هو تہ امتحان ۾ ناپاس ٿيندين!

روشن: پر بابا، شڪر ٿيو جو امتحان لاءِ محنت ڪانہ ڪيم.

سيڀگو: ڇا مطلب؟

روشن: (خوش ٿيندي) جي محنت ڪريان ها تہ سڀ پاڻي ٿي وڃي ها. انهيءَ ڪري اوهان کي بہ

مون جيان خوش ٿيڻ گهرجي.

سپاڳو: (حيرت وچان) ڪمال آهي! فيل ٿيڻ جي باوجود ايڏو خوش آهين؟

روشن: انهيءَ ڪري ته اسان کي بچت ٿي آهي ۽ هن ڀيري وري نوان ڪتاب ڪونه وٺڻا پوندا.

سپاڳو: (ٿهڪ ڏيندي) بلڪل مون تي ويو آهين؟

روشن: اهو وري ڪيئن؟ آئون "ذال" ذرڙو اوهان "و" وڏا!!

سپاڳو: پُٽ! چوين سچ ٿو پر اسان جڏهن پڙهندا هئاسين نه ته سنڌيءَ جي سبق ۾ بادشاهه محمود غزنويءَ واري سبق تي مڙوئي گهڻو ڏيان ڏيندا هئاسين.

روشن: اهو وري ڪيئن؟

سپاڳو: اهو وري هيئن ته سومناٿ مندر کي فتح ڪرڻ لاءِ محمود مسلسل سورهن ڪاهون ڪيون، پر ناڪام ٿيو. نيٺ سترهين ڪاهه تي وڃي ڪامياب ٿيو.

روشن: پر اسان جي ڪتابن ۾ اهو سبق آهي ئي ڪونه!؟

سپاڳو: پرواهه ناهي، ڇا ٿي پيو ان جي جاءِ تي هينئر اهڙا سبق وڏا اٿن، جو ماڳهين شاگردن، استادن کي پڙهائڻ شروع ڪري ڏنو آهي!

روشن: ها بابا! هڪڙي ڀيري ڪلاس ۾ استاد مون کان پڇيو ته، 'ورنهن' جي معنيٰ ڇا آهي؟

سپاڳو: پوءِ تو ڪهڙي معنيٰ ٻُڌائي؟

روشن: مون چيو سائين مون کي ڪانه ٿي اچي، توهان ئي ڪٽي ٻُڌايو؟ پر استاد مورڳو دڙڪو ڏيندي چيو ڇورا! مون کي معنيٰ اچي ها ته توکان ڇو پُڇان ها؟

سپاڳو: (ٿهڪ ڏيندي) تو وارو استاد به بلڪل مون تي ويو آهي!

روشن: اهو وري ڪيئن؟

سپاڳو: اهو وري هيئن ته آئون پاڻ ايم.بي.بي.ايف آهيان!

روشن: (نه سمجهندي) اها وري بي بي، في في ڪهڙي بلا آهي بابا؟

سپاڳو: (هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي) پُٽ! ايم.بي.بي.ايف معنيٰ، ميٽرڪ بار بار فيل!

روشن: (شڪي ٿيندي) اڇا! ته اوهان مئٽرڪ فيل آهيو؟ هين!؟

سپاڳو: نه نه، پاس آهيان.

روشن: اهو وري ڪيئن؟

سياڳو: اهو وري هينئن تہ جيئن محمود سورهن پيرا ڪاهہ ڪري ناڪام ٿيو هو تہ آئون بہ سورهن پيرا امتحان ۾ فيل ٿي، سترهين گهمري نيٺ پاس ٿي ويس!

روشن: (خوش ٿي تاڙيون وڄائيندي) واهہ واهہ، پوءِ مٺائي ڪارايو.

سياڳو: بابا، اوهان کي ڄڻي پوڳيان پيو اها مٺائي گهٽ آهي؟

روشن: (هوريان چوندي) سڏ ڪريان امان کي؟

سياڳو: (روڪيندي) نہ نہ، ڊوهي اٿئي پيران پير جي،متان سڏيو اٿئي ان تو واري... ڇا چوندا آهن، ها! ماءُ کي...!

روشن: ڇو؟

سياڳو: (پنهنجي مُنهن آهستي چوندي) وڪا پڏرا ڪري ڇڏيندي! ها، تون فڪر نہ ڪر، پاس ٿي ويندين. بورڊ وارن سان سلاماليڪي آهي، ڪيڏانهن ويندا؟ نيٺ توکي وڏو ٿي ڪجهہ ڪرڻو بہ آهي!

روشن: ها بابا، آئون هيڏو سارو وڏو ٿي ۽ اوهان وانگر بجلي ڪاتي ۾ آفيسر ٿي علم جي روشني ڦهلائيندس.

سياڳو: شاباس!

روشن: بابا، بابا! سائين بہ چوندو آهي تہ وڏا ٿي، پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جو نالو روشن ڪجو!

سياڳو: بلڪل صحيح ٿو چوي استاد اوهان جو. مون کي بہ پڪ آهي تہ جيڪڏهن تنهنجا اهي پار رهيا، تہ منهنجو نالو هڪ نہ هڪ ڏينهن روشن ڪرڻ بجاءِ ٻوڙيندين ضرور!

روشن: نہ بابا، اوهان يقين ڪريو.

سياڳو: اهو وري ڪيئن؟

روشن: (گاڏيءَ جو آواز ڪري ٻاهر ويندي) اهو وري هينئن! ڪُو ڇڇ، ڪُو ڇڇ،ڪُو ڇڇ، ڪو ڪُڪُوڪ!

سياڳو: (واٽڙن وانگر ڏسندي، صوفي تي ويهندي ۽ توبنهہ ڪندي) بابا! ڏيو منهن. اڄ جو نئون نسل، رب ڏي پناهہ! ڇا ڪجي. مجبوري آهي. منهن ڏيڻ بہ ضروري آهي. (اخبار پڙهڻ شروع ڪري ٿو تہ روشن اندر اچي ٿو)

روشن: (ڳچيءَ ۾ بلبن جوهار پيل اٿس ۽ "ڪُو ڇڇ" ڪندو اندر داخل ٿئي ٿو) ڪُو ڪُو ڇڇ،

ڪُوڇڇ، ڪوڇڇ، ڪو...ڪڪو!

سياڳو: (ڪاوڙمان زور سان نقل ڪندي) ڪو! اسٽاپ.

روشن: بابا، هاڻ روز هيءُ هار اسڪول پائي ويندس.

سياڳو: ڇو؟

روشن: مون کي ڏسي ٻيا شاگرد بہ ائين ڪندا، پوءِ اوهان سان گڏ ملڪ جو ۽ قوم جو نالو بہ روشن ٿيڻ شروع ٿي ويندو. (سيٽي وڄائيندي ٻاهر ويندي) ڪُو؟

سياڳو: (هٿ مٿي تي ڏيندي) بلڪل مون تي ڪونہ ويو آهين! خدا خير ڪري، ڪنهن دشمن کي خبر پيئي تہ واپڊا آفيسر جي گهر ۾ بلبن جو دوڪان لڳو پيو آهي، تہ مورڳو سر ويندو. خير! (سياڳو بيزاريءَ مان ٻيهر اخبار کڻي پڙهي مس ٿو تہ سندس پُٽ طفيل پس منظر تان ڪيس سڏ ڪندو اندر داخل ٿئي ٿو. سياڳو چرڪ ڀري ڏسي ٿو.)

طفيل: (خوش ٿيندي) بابا، بابا، بابا، بابا!!

سياڳو: (دڙڪو ڏيندي) اڙي ڇاهي ڇورا؟

طفيل: بابا امتحان جو...!؟

سياڳو: ها ها پٽ طفيل، اڄ تنهنجي امتحان جو نتيجو نڪرڻو هو، ڇا ٿيو؟

طفيل: بابا منهنجو نالو ڇا آهي؟

سياڳو: تنهنجو نالو ڇا آهي؟ هائين!؟ بلڪل مون تي ويو آهين طفيل؟

طفيل: (هٿ جي تري وڌائيندي) پوءِ ڪارايو مٺائي؟

سياڳو: (حيران ٿيندي) ڇا جي؟

طفيل: امتحان جو نتيجو ٻُڌائڻ جي!

سياڳو: اول اسان جو پٽ طفيل نتيجو ٻُڌائيندو، پوءِ مٺائي! ٺيڪ؟

طفيل: پوءِ ٻُڌو! نتيجي ۾ منهنجي نالي جو پهريون اکر "ط" نڪري ويو ۽ ڇڙو "فيل" ٿي پيس!!

سياڳو: بلڪل مون تي ويو آهين، پر، پر... آئنده امتحان ۾ "ط" لڳائي، پوءِ ويهجانءِ.

طفيل: ۽ ناپاس مان "نا" ڪڍي، ٺيڪ!

سياڳو: (ٿهڪ ڏيندي) ڏاڍو شرير ٿي ويو آهين؟

طفيل: بلڪل اوهان تي ويو آهيان.

سياڳو: شاباس! وڏو تي مون وانگر...!

طفيل: (اڏ مان ڳالهه ڪٽيندي) گهوٽ ٿيندس!

سياڳو: (چرڪندي) هان! اڙي چورا، هينئر ئي اهي ڳالهيون؟

طفيل: امان چوندي آهي، طفيل پٽ گهوٽ ٿيندو.

سياڳو: چڱو ڀلا، گهوٽ ٿي، پوءِ ڪهڙا اڪ ڪارا ڪندين؟

طفيل: (پيءُ جي گلي ۾ ٻانهن جو هار پائيندي) توهان وانگر گهر جا ٿانوَ ڌوئيندس!

سياڳو: (هٿ الارينديِ) اڙي ٻيهه چورا؟

(طفيل ڊوڙندو ٻاهر نڪري وڃي ٿو ۽ سياڳي جو ٿيون نمبر پٽ عالم ڪتاب کنيو ڪراس ڪري ٿو)

عالم: السلام عليڪم بابا!

سياڳو: وعليڪم السلام... تون به پڪ امتحان ۾...!

عالم: (جملو پورو ڪندي) آئون پاس ٿي ويو آهيان بابا.

سياڳو: هان! بلڪل مون تي... منهنجو مقصد آهي، تون واقعي پاس ٿي ويو آهين؟

عالم: اوهان جو قسم بابا، پاس ٿي ويو آهيان.

سياڳو: (پنهنجي منهن) اعتبار ته اچي ئي نٿو ته...، خير معنيٰ تنهنجي اسڪول جو تنهنجي ڪلاس جو ماحول بهترين آهي.

عالم: ماحول ته سٺو آهي، پر چوڪرا ڏاڍا خراب آهن!

سياڳو: اهو وري ڪيئن؟

عالم: بابا، اڄ ڪلاس ۾ هڪ چوڪرو اوچتو پٽ تي ڪري پيو ته سيئي ڪلڻ لڳا، پر آئون بلڪل ڪونه ڪليس!

سياڳو: چو؟

عالم: انهيءَ ڪري، جو آئون پاڻ ئي ته ڪري پيو هئس!

سياڳو: بلڪل مون تي ويو آهين، شاباس دل لڳائي پڙهه.

عالم: پر اوهان ته عينڪ لڳائي پڙهندا آهيو.

سپاڳو: واقعي سچ چيو اٿن: ”ننڍڙا، وِهه جا ڳنڍڙا“. هينئر ئي دماغ لوڏيندڙ ڳالهيون پيو ڪرين، تہ سيارڻ وڏو ٿي الائجي ڇا ڪندين؟

عالم: (جهاز جو آواز ڪڍندي) بابا آئون جهاز هلائيندس.

سپاڳو: (پُٺي ٽپيريندي) شاباس، پر اسان کي ان مهل ڪيئن خبر پوندي تہ اسان جو پُٽ جهاز هلائي رهيو آهي؟

عالم: (ميز تي بيهي جهاز جو آواز ڪڍي هيٺ ٽپ ڏيندي) آئون ان وقت اڳڻ تي بم اڇلائيندس... ڊڙنگ!

سپاڳو: (بيهوش ٿيندي) هان...! (سڀ ٻار ”بابا، بابا“ چئي سپاڳي کي سهارو ڏيندي چنبڙي وڃن ٿا.)

——— * پردو ڪري ٿو * ———

کلاس روم



ڪلاس روم

ائڪٽ_ 1

جاءِ: ڪلاس روم

وقت: صبح

ڪردار: استاد (ڪلاس ٽيچر) والد (هڪ شاگرد جو پيءُ) هڪ مانيٽر ۽ 14 شاگرد

ڏيک: ڪلاس روم جو اندروني منظر آهي. سڀ شاگرد موجود آهن. شاگردن جو وڏو تعداد گوڙ ۽ شور ۾ مصروف آهي. ڪي مستيون ۽ مشڪريون ڪن پيا، تہ ڪي هڪ اڌ پڙهائي ڪرڻ ۾ مصروف نظر اچن ٿا. استاد لاءِ رڪيل ميز تي حاضري رجسٽر ۽ ان مٿان رڪيل لڪڻ نمايان آهي.

پردو کُلي ٿو.

استاد اوچتو اندر داخل ٿئي ٿو تہ، شاگرد خاموشيءَ سان ادب وچان اٿي بيهن ٿا.

استاد: (ويهڻ جو اشارو ڪندي) ويهو، ويهو، ويهو.

(استاد سميت سڀ شاگرد ويهن ٿا. استاد سين کي دستوري "اُٿ ويهہ" ڪرائي ٿو، جنهن ۾ پاڻ بہ شاگردن سان گڏ اٿڻ ويهڻ جو عمل ڪري ٿو.)

استاد: استينڊ اپ...، سِٽ ڊائون ...، سِٽ ڊائون ...، استينڊ اپ.

ويهي رهو....، اٿي بيهو...، اٿي بيهو...، ويهي رهو.

اٿو ويهو، ويهو اٿو، ويهو اٿو، اٿو ويهو.

مانيٽر: (اٿندي) سر!

استاد: ها، چئو!

مانيٽر: سائين طبيعت ٺيڪ آهي نہ؟

استاد: هان! طبيعت منهنجي ٺيڪ هجي نہ هجي ۽ موڪل وري توکي ڪپندي هوندي. ائين نہ! ويهي رهہ. (حاضري رجسٽر کولي ٿو ۽ پيين ڪڍي حاضري وٺڻ شروع ڪري ٿو.) امداد علي.

امداد: (اٿندي) حاضر سائين.

استاد: امتياز علي؟

امتياز: (اٿندي) حاضر سائين.

استاد: شبير احمد؟

شبير: (اٿندي) حاضر سائين.

استاد: عبداللطيف؟

عبداللطيف: (اٿندي) حاضر سائين.

استاد: غلام رياض؟

رياض: (اٿندي) حاضر سائين.

استاد: محبوب علي؟

محبوب: حاضر سائين.

استاد: نورمحمد؟

نورمحمد: حاضر سائين.

استاد: غلام شبير؟

غلام شبير: حاضر سائين.

استاد: نبي بخش؟

نبي بخش: حاضر سائين.

استاد: حاڪم علي؟

حاڪم علي: حاضر سائين.

استاد: ذوالفقار؟

ذوالفقار: حاضر سائين.

استاد: خادم حسين؟

خادم: حاضر سائين.

استاد: وزير علي؟

مانيٽر: غير حاضر سائين!

استاد: (رجسٽر بند ڪندي ۽ ڏنڊوڏيڪاريندي) هيءُ ڇا آهي؟

سڀ شاگرد: (گڏجي) مولابخش.

استاد: شاباس! جيڪي شاگرد هن کي ياد ڪندا، ان جا ٻيڙا پار ٿيندا. ها! اڄ پڙهائي ڪانه ٿيندي، پر "پڙهائي" ٿيندي. اوهان جا امتحان خيرن سان ختم ٿي چڪا آهن ۽ اوهان کي ڪالهه ٻڌايو ويو هو تہ اوهان جي اسڪول ۾ بخشڻ اچي رهيو آهي.

سڀ شاگرد: (گڏجي) بخشڻ؟!

استاد: اوه، بخشڻ نہ، پر 'ڦنڪشڻ' ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ عام معلومات جي چٽاپيٽيءَ جو پروگرام ٿيندو. مون کي اميد آهي تہ اڳئين سال جيان، هن سال بہ مقابلو هارائي، منهنجو نالو ضرور روشن ڪندا.

سڀ شاگرد: (هم آواز ٿي) ها سائين.

استاد: عام معلومات لاءِ تياري ڪري آيا آهيو؟

سڀ شاگرد: (هم آواز ٿي) ها سائين.

استاد: جيڪو بہ سوال ڪريان، هٿ مٿي ڪڍجو. جنهن کان پڇان، اهو ٻُڌائيندو. گهبرائڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. جواب صحيح هئڻ کپي. ٺيڪ آهي؟

سڀ شاگرد: (هم آواز ٿي) ها سائين.

استاد: امتياز! ٻُڌاءِ، هماليہ جبل ڪٿي آهي؟

امتياز علي: (اُٿندي) سائين مون کي خبر نہ آهي.

استاد: (ورچندي) پهرين ٽڪي کير پري، اٿي بيهہ بينچ تي!

امتياز: (بيهندي) سائين هتان ڏسڻ ۾ ايندو ڇا؟

استاد: اڙي چپ! چڱو ٻُڌايو، غير آباد زمين ڇاکي چوندا آهن؟

(سڀ هٿ مٿي ڪڍن ٿا)

امداد علي: (اُٿندي) سائين آئون ٻُڌايان؟

استاد: ٻُڌاءِ.

امداد: غير آباد زمين ان کي چوندا آهن، جتي آبادي نہ ٿيندي هجي.

استاد: مثال طور؟

امداد: اوهان جي نوڙهه!

استاد: (چرڪندي) اونهه! جواب ته درست آهي. پر... خير خير، ويهه. چڱو ٻڌايو دنيا ۾ سيني کان وڏيڪ خطرناڪ شيءِ ڪهڙي آهي؟ شبير تون ٻڌاءِ.

شبير احمد: (اٿندي+ ڏڪندي+ ڳيت ڏيندي) آئون ٻڌايان سائين؟

استاد: ها، توکان پيو پڇان! دنيا ۾ خطرناڪ شيءِ ڪهڙي آهي؟

شبير احمد: سائين اوهان جو هٿ!

استاد: (پُني نپيريندي) شاباس! ۽ ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم، جنهن سان تپ چڙهي وڃي؟

شبير احمد: اسڪول جو ڪم!!

استاد: (رڙ ڪري) جواب درست آهي. تون پڪ منهنجو نالو بڇڙو... اوهه بڇڙو نه، پر روشن ڪندين! تاڙيون...!

(سڀ شاگرد تاڙيون وڄائين ٿا، جنهن دوران هڪ شاگرد عبدالستار اندر اچڻ چاهي ٿو)

عبدالستار: (اجازت وٺندي) مي آءِ ڪم اِن سَر؟ (May I come in Sir)

استاد: (ڏنڊو تيار ڪندي) ڪم اِن!

عبدالستار: (ويجهو ايندي) 'سائين سلاماليڪم'؟

استاد: (ڪن کان جهليندي) 'ماليڪم سلام'، اڙي دير ڪري ڇو آيو آهين؟

عبدالستار: سائين، بابا صبح سان ذري گهٽ مار ٿي ڪڍي مون کي!

استاد: ڇو، پڻهين رٽائرڊ ماستر آهي ڇا؟

عبدالستار: نه سائين، اها ڳالهه ناهي.

استاد: پوءِ معاملو ڇا آهي، بيان ڪيو وڃي.

عبدالستار: سائين! بابا چيو ته مٺائي کاراءِ، امتحان ۾ پاس ٿيو آهين. استاد لاءِ به مٺائي کنيو وڃ.

استاد: سلام آهي تنهنجي پيءُ کي.

عبدالستار: 'ماليڪم سلام'.

استاد: (دڙڪو ڏيندي) مٺائي ڪٿي آهي؟

عبدالستار: سائين! رستي ۾ هيڊماستر صاحب مليو، اهو کڻي ويو.

استاد: (منهن بڇڙو ڪندي) چڱو چڱو، هل، اٿي بيهه بينچ تي.

(عبدالستار بينچ تي بيهي رهي ٿو.)

استاد: ها، مون ڪٿي ڳالهه ڇڏي؟

مانيٽر: (اٿندي) اُٿي بيهه بينچ تي!

استاد: (رڙ ڪندي) مانيٽر؟

مانيٽر: جي سر!

استاد: منهنجي اکين اڳيان تر!

مانيٽر: ڇو سر؟

استاد: اڙي ڪمبخت، نالائق، مون کي چوين ٿو تہ "اُٿي بيهه بينچ تي"!

مانيٽر: سائين مون توهان کي ٿورئي چيو، توهان جتي ڳالهه ڇڏي،اها توهان کي پڇڻ تي ٻُڌايم.

استاد: (ڦڪو ٿيندي) ڏاڍو هوشيار ٿي ويو آهين.

مانيٽر: (خوش ٿيندي) آخر اوهان جو شاگرد آهيان!

استاد: واقعي، پار مون وارا ئي آهن تو ۾! پر ڪنهن ڪنهن مهل پارو چاڙهيو ڇڏين.

استاد: عبداللطيف؟

عبداللطيف: جي سائين!

استاد: تون ڏاڍو سٺو ۽ فرمانبردار شاگرد آهين. رسيس ۾ ڳنڍيا قلفيون پاڻ کائيندو آهين تہ مون کي بہ... سمجهي وئين نہ!

عبداللطيف: ها سائين.

استاد: تنهنڪري، 'برف' کي جملي ۾ استعمال ڪري ڏيکار.

عبداللطيف: پاڻي تمام ٿڌو آهي.

استاد: اڙي، جملي ۾ 'برف' جو تہ ذڪر ئي ڪونهي.

عبداللطيف: (معصوميت سان) سائين! جملي ۾ برف ڳري ويئي، ان ڪري هاڻي صرف پاڻي ٿڌو بچيو آهي!

استاد: شاباس...! اڙي رياض، تون وري ڇو ٻوٽ سڃايو ويٺو آهين؟

رياض: سائين طبيعت ٺيڪ ڪانهي.

استاد: هڻئين مولابخش؟

رياض: (ڏڪندي) هاڻي طبيعت ٺيڪ ٿي ويئي!!

استاد: چڱو ٻُڌاءِ، اهو ڏينهن ڪهڙو سنو هوندو آهي، تنهنجي لاءِ، جنهن تي تون ڏاڍو خوش گذاريندو آهين؟

رياض: سچي پچي ٻُڌايان؟ ماريندؤ تہ ڪونہ؟

استاد: ڪونہ مريندس، ٻُڌاءِ!

رياض: آئون ان ڏينهن تي ڏاڍو خوش هوندو آهيان سائين، جنهن ڏينهن تي اوهان اسڪول ۾ ڪونہ هوندا آهيو.

استاد: جواب درست آهي. تاڙيون...!

(سڀ گڏجي تاڙيون وڄائين ٿا)

استاد: هٿ مٿي ڪٽو. (سڀ هٿ کڻن ٿا) ۽ دعا ڪريو تہ سڀني استادن کي گهر ويني پگهار ملي ۽ سدائين اسڪول بند هجن تہ اسان جي بہ جان آجي ۽ توهان جي بہ جند ڇُٽي پوي.

سڀ شاگرد: (گڏجي) آمين.

استاد: ياد رکو! اسان جهڙا استاد وري نہ ملندوَ.

محبوب: سائين ملندا وري ڪيئن ڪونہ؟

استاد: سڀ سرڪاري اسڪول ڀريا پيا آهن.
ڏاڍو شرير آهين. ڪِنا نڪ جا مُنا ويهي رهہ.

نورمحمد: سائين هاڻي انگريزيءَ ۾ سوال ڪريو.

استاد: پلا انگريزيدان! پيٽ کي انگريزيءَ ۾ ڇا چوندا آهن؟

نورمحمد: سسٽر.

استاد: پاءُ کي؟

نورمحمد: ٽرانسسٽر!

استاد: سياڻي کي؟

نورمحمد: (سوچيندي) ڪونہ ٿو اچي.

(شاگرد هٿ مٿي کڻي لوڏين ٿا)

استاد: غلام شبير! تون ٻُڌاءِ.

غلام شبير: انگريزيءَ ۾ سياڻي کي "تومارو" چوندا آهن.

استاد: پرينهن کي؟

غلام شبير: سائين، ڪونہ ٿو اچي.

استاد: ويري گڊ...، 'تو مارو' جمعو آهي يا،... ڇانالو اٿئي، ها، نبي بخش تون ٻُڌاءِ؟

نبي بخش: چاچا جمعو آهي.

استاد: ءِ هڪ مارو؟

نبي بخش: چاچا عبدالواحد آهي.

استاد: رائيٽ، ڪَڪَ جو جمع ڪير ٻڌائيندو؟

(سڀ شاگرد هٿ مٿي کڻن ٿا)

استاد: ها حاڪم تون ٻُڌاءِ.

حاڪم علي: ڪَڪَ جو جمع 'ٻُهارو' ٿيندو.

اُستاد: ڀلا! 'سُٽڻ' گرامر ۾ ڇا آهي، واحد يا جمع؟

حاڪم علي: مٿان واحد، هيٺان جمع!

ذوالفقار: (اجازت وٺندي) مي آءِ ڪم اِن سر!

استاد: ٻُڌي مر! اڙي هيڏانهن اچ، هيڏانهن اچ (واچ ڏسندي) اسڪول ۾ هيءُ اچڻ جو ٽائيم آهي؟

ذوالفقار: سائين مون کي ڪهڙي خبر، اڄ توهان اسڪول ايندؤ! توهان تہ مهيني کان پوءِ اچي، صحيحون ڪري هليا ويندا آهيو.

استاد: (ڪاوڙجندي) مون کي منهنجي سوال جو جواب ڏي! دير سان ڇو آيو آهين؟

ذوالفقار: سائين توهان ئي تہ چوندا آهيو: "تڪڙ ڪم شيطان جو"، ٻيو وري رستي تي بورڊ لڳل هو، جنهن تي لکيل هو: "اڳتي اسڪول آهي، آهستي هلو. ان ڪري...!

والد: (هڪ شاگرد جو پيءُ اندر داخل ٿيندي) 'سلا ماليڪم'؟

(سڀ شاگرد اُٿي بيهن ٿا)

استاد: واليڪم سلام، ڪيئن اچڻ ٿيو؟

والد: هتان گذر ٿيو. سوچيم تہ اوهان کان پڇندو وڃان تہ مون واري ڇوڪري خادم حسين ۾ پڙهڻ جا ڪي افعال آهن يا ڪريانس ڏَڻ جي بلي.

استاد: سائين اوهان جو پُٽ تمام گهڻو هوشيار آهي. هيل امتحان ۾ تہ اسڪول جو پويون رڪارڊ بہ ڀڃي ڇڏيو اٿس.

والد: (حيرت ۾ ڪاوڙ وچان) هان! هن نياڳي گهر جا ٿانوَ ٽپا، گلاس، شيشا ڀڃڻ کان پوءِ اسڪول

جو رڪارڊ بہ ڀڃي ڇڏيو آهي. (ماسترکان ڏنڊو ڦُريندي) اڄ وري آئون تنهنجا هڏ گُڏ ڀڃي ڇڏيندس. (لُوهہ ڪندي) متان ويو آهين!

ردعمل: والد ڇوڪر کي ماري ٿو. وچ ۾ ماستر ۽ شاگرد پون ٿا، جن کي پڻ ڌَڪ لڳن ٿا. نينگر خادم هيڏانهن هوڏانهن بچاءَ ۾ ڊوڙون پائي ٿو. گوڙ بُلند ٿئي ٿو. خادم اڳيان، والد، استاد ۽ شاگرد ڪلاس کان ٻاهر نڪرن ٿا.

——— ❊ پردوڪري ٿو❊ ———

واث ويندي

واٽ ويندي

ائڪٽ_ 1

جاءِ: **عام رستو**

وقت: **صبح**

ڪردار: **گُلو (ڳوٺاڻو نينگر) منڊو (لانگهائو) بشني (لانگهائو) جادوگر (لانگهائو) سپاهي (لانگهائو)**

پردو کُلي ٿو

ڏيک: **ڳوٺاڻو نينگر گلو پرواري شهر ۾ ڪنهن ڪم سانگي اچي ٿو. هڪڙي عام رستي تان گذرندي، مُنجهي پوي ٿو. واٽ جو صحيح ڏَس پَتو معلوم ڪرڻ واسطي پڇا ڪرڻ لاءِ ويچاري پيو تہ هڪ همراهہ منڊڪائيندو گذري ٿو جنهن کي گلو روڪي پڇي ٿو.**

گُلو: (هٿ ڪٽندي) ادا؟

منڊو: (مڙندي) چؤ.

گلو: (رستي ڏانهن اشارو ڪندي) ادا، هيءُ رستو ڪيڏانهن ٿو وڃي؟

منڊو: (زور سان ٿهڪ ڏيندي) ها... ها... ها... ها...

گلو: (حيرت وچان) انهيءَ ۾ ڪلڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟

منڊو: صفا بيوقوف ٿو ڏسجين؟

گلو: نہ نہ، آئون بيوقوف ڪونہ آهيان. چوٿين درجي ۾ ٿو پڙهان!

منڊو: پر اها بہ خبر ڪانہ اٿئي تہ، هيءُ رستو ڪيڏانهن ٿو وڃي؟

گلو: خبر ڪانهي، تڏهن تہ پڇان پيو، هيءُ رستو ڪيڏانهن ٿو وڃي.

منڊو: ميان! هيءُ رستو سالن کان اتي ئي پيو آهي، وڃي ٻَڃي ڪيڏانهن بہ ڪونہ ٿو سمجهيئي؟
(منڊو ٿهڪ ڏيندو هليووڃي ٿو ۽ گلو وري هن کي وائڙن جيان ڏسندو رهي ٿو. ايتري ۾ هڪ ٻيو لانگهائو جيڪو غنڊو آهي، اچڻ شرط گلوءَ کي ڳٽر مان وٺي ٿو)

بشني: اڙي ڪنهن کي پيو ڏسين ڇوڪرا؟

گلو: (ڪنڌ ڪڍائي ڊپ وچان) 'سلاماليڪم'!

بشني: 'اڙي ماليڪم السلام، اتي ڪيئن بيٺو ايئن ڙي؟'

گلو: وات ڀلجي ويو آهيان ادا.

بشني: 'پرواهہ نائي ڙي، آئون توکي پار ڪرائيندوس. ٿيڪ آ...!'

گلو: خدا ڪندو خوش هوندين.

بشني: (ماچيس گهرندي) آهي؟

گلو: (قميص مان پين ڪڍي وڌائيندي) بلڪل، اچي!

بشني: (بيزار ٿيندي) اڙي بابا، ماچيس پيو گهران ماچيس!

گلو: ماچيس تہ ڪونهي.

بشني: سگريٽ؟

گلو: اونهون... سگريٽ ڇڪڻ ڪني عادت آهي.

بشني: 'اڙي تو وٽ ماچيس ڪوني، سگريٽ ڪوني، پئسا ضرور اوندا؟'

گلو: ادا، آهن پر پاڙي پُٽي جا!

بشني: (چاقو ڏيکاريندي) اڙي ڪڍ ٻاهر!

گلو: (ڏکندي پئسا ڏيندي) وٺ.

بشني: (ٿهڪ ڏيندي ۽ نوٽ چمندي) 'واهہ ڙي مولا، صبح سان ستو گاڪ ملايوتئي.'
(غنڊو ٿهڪ ڏيندو وڃي ٿو)

گلو: (آسمان ڏانهن نهاريندي) هاڻ ڇا ٿيندو مولا؟

جادوگر: (پنهنجي منهن ايندي) انتر منتر، جادو جنتر. ڪٽ ڪٽ ڪٽ ٺا. ڇا پيو مٿي ڏسين ڇوڪرا؟

گلو: (بدستور اُڀ ۾ ڏسندي) ڏينهن جا تارا.

جادوگر: اهي ڏنڌا ڪنگلن جا ٿيندا آهن.

گلو: (هوش ۾ ايندي ۽ ڪيسي تي هٿ ڏيندي) توکي ڪيئن خبر پيئي تہ آئون ڪنگلو ٿي ويو آهيان؟

جادگر: آئون جادوءَ جو علم ڄاڻندو آهيان.

گلو: (پيرن تي ڪرندي) پوءِ وارو ڪر ادا جادوگر! منهنجا پئسا بشني ڪڍي ويو آهي.

جادوگر: شهر ۾ نئون ٿو ڏسجين.

گلو: بلڪل نئون.

جادوگر: تنهنجو ڳوٺ ڪٿي آهي؟

گلو: 'ٽنڊي جوسڦ' جي پرسان.

جادوگر: 'ٽنڊو جوسڦ' ڪٿي آهي؟

گلو: ڳوٺ جي پرسان.

جادوگر: ٻيئي ڪٿي آهن؟

گلو: هڪ ٻئي جي پرسان!!

جادوگر: پئسا گهڻا نڪتا آهن؟

گلو: سادا پنج رپيا.

جادوگر: باقي گهڻا بچيا آهن؟

گلو: چار رپيا.

جادوگر: (رڙ ڪندي) ملي ويا!

گلو: ڪٿي آهن؟

جادوگر: ترس! منتر اهڙو ٿو هڻان، اهڙو ٿو هڻان، هڪ منٽ ۾ پئسا تريءَ تي! پهريائين تنهنجا باقي پئسا غائب ڪرڻا پوندا.

گلو: (ڪيسو جهليندي) ائين وري ڪيئن ٿيندو؟

جادوگر: چريا! غور سان ٻڌ. جيڪي پئسا غائب ڪندس، اُهي هوائي جهاز رستي، سڌو بشنيءَ جي ڪيسي ۾ وڃي پهچندا ۽ جڏهن وري منتر هڻڻ سان موٽندا تہ بشنيءَ کي ٽاٽي ۾ ڇڏي، باقي پئسا اچي تنهنجي ڪيسي ۾ پوندا. سمجهيئي؟!

گلو: (خوش ٿيندي) واه ادا جادوگر واهہ! پوءِ دير ڇاجي آهي؟

جادوگر: سڌو ٿو بيهہ. (گُلو سڌو ٿي بيهي ٿو) اکيون بند ڪر. (گُلو اکيون بند ڪري ٿو) ڪيسو

خلاصوڪري جهل. هاڻي آئون منتر هڻان ٿو. منهنجو آواز ختم ٿئي تہ ڏهن تائين دل ۾ ڳڻي اکيون کولي ڇڏجانءِ. آئون غائب هوندس ۽ پئسا تنهنجي ڪيسي ۾ هوندا، ٺيڪ؟

گلو: ٺيڪ.

جادوگر: منتر هڻان؟

گلو: ها اُستاد.

جادوگر: (مدارين وانگر) بيچ مين نهين بولين گا.

گلو: نهين بولين گا.

جادوگر: بچا!

گلو: بابا!

جادوگر: مين ڪون؟

گلو: جادوگر!

جادوگر: تو ڪون؟

گلو: تيرا باپ!

جادوگر: (گُلوءَ جي ڪيسي مان نوٽ ڪڍندي) يہ ڪيا هي؟

گُلو: ميرا ڪيسا.

جادوگر: (ويندي ويندي) انتر منتر،جادو جنتر، پئسا نڪرنتر، اڏامنتر، ڏو بشنيءَ جي ڪيسي ۾ پونتر، متان ويو آهين؟ شنتر منتر،ڪٽ مٽ، ڪٽ مٽ ٺا ٺا ٺا.

(جادووگر هليو وڃي ٿو)

گلو: (اکيون کولي ڪيسي ۾ هٿ وجهندي) اڙي پئسا تہ پهتا ئي ڪونہ. پڪ نڳجي ويس! (سڏ ڪندي پاراتا ڏيندي) الا ڪندو بس هيٺان ايندين. مون 'گريبڙي' جا پئسا، پيٽ ۾ سور وجهندئي. او ظالم جادوگر!

(گُلو سُڏڪندو رهي ٿو. ايتري ۾ علائقي جو سِول ڊريس ۾ هڪ سپاهي لانگهائو ٿئي ٿو.)

سپاهي: (همدردي ڪندي) ادا، توسان خير تہ آهي؟

گُلو: خير هجي ها تہ ڇو روئان ها!

سپاهي: آخر ڇا ٿيو؟

گلو: هڪڙو بشني، مون کان پئسا ڦُري ويو آهي.

سپاهي: (ڪنڌ ڏوڻيندي) اچا اچا؟

گلو: تون ڪير آهين؟

سپاهي: توکان جيڪو بشني پئسا ڦُري ويو نہ، سمجهہ آئون ان جو استاد آهيان!

گلو: (ڊپ وچان ٻہ وکون پوئتي هٽندي) جي؟

سپاهي: (ويجهو ايندي) جي! اهو تہ اسان وٽ جماڻي چنڊاڻي مهمان بڻجي ايندو رهندو آهي.

گلو: (ڊپ وچان) معنيٰ تون ٻہ، تون ٻہ...!؟

سپاهي: (آٽت ڏيندي) گهبراءِ نہ، آئون بشني ٻشني ڪونہ آهيان!

گلو: پوءِ تون ڪير آهين؟

سپاهي: (فخر سان) آئون پوليس وارو آهيان.

گلو: (چرڪندي) هان! هل هل ڪوڙا، تون پوليس وارو ڪونہ آهين. تون ٻہ مون کي ٺڳ ٿو نظر اچين!

سپاهي: (هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي) ايمان سان، آئون واقعي پوليس وارو آهيان.

گلو: پوليس وارن کي تہ وردي هوندي آهي.

سپاهي: آئون هن وقت سِول ڊريس ۾ آهيان. هيءُ ڏس پَٽو!

گلو: پوءِ مون کي منهنجا ڏوڪڙ ورائي ڇو نٿو ڏين؟

سپاهي: اهو بشني تنهنجا گهڻا پئسا ڪيڏي ويو آهي؟

گلو: آڏيئي سميت، ساڍا پنج روپيا.

سپاهي: (مايوس ٿيندي) ڪجهہ ڇڏي ٻہ ويو يا صفا ڪيسو خالي؟

گلو: رب جو شڪر آهي. پاسي واري ڪيسي تي هٿ ڪونہ پيس، نہ تہ اهي ويهہ روپيا ٻہ ٻهاري وڃي ها.

سپاهي: ٺيڪ آهي، تون اتي بيهہ. آئون پويان ٿو وڃانس.

گلو: هو الائجي ڪٿان وڃي نڪتو هوندو. پنڌ ڪيئن پڄنديس؟

سپاهي: (ڪيسي ۾ هٿ وجهندي) پرواهہ ناهي. رڪشا ڪري ٿو وڃانس. اڙي هيءُ ڇا، منهنجي ڪيسي ۾ ٻہ پئسا ڪونہ آهن. اڙي ڪيڏانهن ويا. ڪمال آهي. صبح جو ڪيسي ۾ تہ پيا هئا. (پاڻمرادي تلاشي وٺي ٿو.)

گلو: پڪ، ساڳيو بشني تنهنجا پئسا ٻہ ڪيڏي ويو!؟

سپاهي: (شڪي ٿيندي) هان! هاڻ سمجهي ويس. بشني وشني پئسا ڪونہ ڪڍيا آهن، پر تو منهنجا پئسا ڪڍيا آهن!

گلو: اي ڇتو اچي ٿيو آهين؟

سپاهي: هل ٽاٽي تي!! (سپاهي ٻانهن ۾ هٿ وجهي ٿوءِ گلو ڀڄڻ جي ڪري ٿو. ٻيئي سڪتي ۾ اچن ٿا)

——— * پردو ڪري ٿو * ———

اچ جو اُستاد

اڄ جو اُستاد

ائڪٽ_ 1

جاءِ: ڪلاس روم

ڪردار: ماستر، نمون (شاگرد)، گُلو (شاگرد)، سانوڻ (شاگرد) ۽ آچر (شاگرد)

پردو کُلي ٿو

ڏيک: ڪلاس ۾ ڪي شاگرد پڙهي رهيا آهن، ڪي ڪچهري ڪري رهيا آهن، ڪي مشڪري ڪري رهيا آهن. مجموعي طور گوڙ لڳو پيو آهي. ماستر بغل ۾ حاضري رجسٽر ۽ هٿ ۾ لڪڻ کڻي داخل ٿئي ٿو. شاگرد ادب وچان اُٿي بيهن ٿا.

ماستر: (ڪرسيءَ تي ويهندي) ويهو بابا ويهو.

(سڀ شاگرد ويهن ٿا. ماستر پين ڪڍي حاضري وٺي ٿو)

ماستر: (پڪاريندي) نمون!

نمون: (بيهندي) حاضر سائين!

ماستر: اڙي ڇورا! تنهنجا تہ اڌ ڊزن خانا خالي پيا آهن. هيترا سارا ڏينهن اسڪول کان غائب، ڇو؟

نمون: سائين! ناني مري ويئي هئي.!

ماستر: اڙي نياڳا،اُها تہ اڳئين هفتي مئي هُئي؟

نمون: نہ سائين، اُها تہ منهنجي ڏاڏي هئي!!

ماستر: (ڪِٽ ٽيندي) لڳي ٿو سيني کي ماري پوءِ ساهہ پٽيندين.

نمون: (آهستي دعا جا هٿ منهن تي ڦيري ۽ ويهندي) آمين!

ماستر: (حاضريءَ کي لاڳيتو رکندي) گُلو.

گُلو: (بيهندي) حاضر سائين!

ماستر: (ڪڙڪو ڪندي) چورا! تنهنجو بہ حاضريءَ جي خانن ۾ ٽاننو ڦٽو پيو آهي. تو وري هيترا ڏينهن ڇو نٿايو؟

گُلو: (هٿ لهرائيندي) سائين سچي ٻُڌايان؟

ماستر: بابا! تعليم جي معنيٰ سوجهرو ۽ سوجهري جي معنيٰ سچ، يعني تہ سچ تہ بيٺو نچ.

گُلو: سائين حقيقتِ اِها آهي تہ، اوهان بہ خير سان اسڪول ۾ مهيني دوران اچو ٿا هڪ يا بہ پيرا. سو سوچيم تہ وڃي ناناڻن مان گهمي اچان ۽...!

ماستر: (لڪڻ اُلاريندي) اڙي چنڊا، ڇا چيئي؟

گُلو: (هٿ ٻڌندي) سائين مون پئي چيو تہ ناناڻن مان ورڻ مهل جيڪي مون کي خرچيون مليون، انهن مان پنجاهہ روپيا ان خيال کان اوهان جي گهر ڏيئي اج اسڪول پهتو آهيان تہ استاد جي خدمت ڪرڻ بہ اسان جي فرض ۾ شامل آهي!

ماستر: (خوش ٿيندي) شاباس پٽ! هميشہ سچ ڳالهائڻ گهرجي. ويهي رهہ. تو جهڙا شاگرد اسان جهڙن استادن جو قيمتي اثاثو آهن!!

گلو: (ويهندي) سائين مهرباني!

ماستر: (حاضري ڀريندي) سانوڻ.

سانوڻ: (اُٿندي) حاضر سائين!

ماستر: (مصنوعي رعب ڏيکاريندي) حاضر سائين جا سَڪا! ڪلهہ پڻهين شڪايت ڪٽي آيو هوتہ وي.سي. آر تي غيرملڪي واهيات فلمون ٿو ڏسين! پڙهين گهٽ ٿو رُلين گهڻو ٿو ها؟

سانوڻ: (ڏڪندي) سائين معاف ڪريو، آئنده فلمون ڪونہ ڏسندس.

ماستر: حقيقت بيان ڪر تہ اها فلم ڪٿي ۽ ڪيئن ڏٺئي؟

سانوڻ: (ڳيت ڏيندي) سائين! هر خميس جي ڏينهن تي اوهان جو پٽ ولو شهر مان مسواڙ تي وي.سي. آر ڪٽي ايندو آهي. ڦوڙي ۾ ڏهہ روپيا ڏيئي اوهان جي اوطاق تي ئي فلمون ڏسندا آهيون!

ماستر: (ٻنهي طرفن ڏسي، نٽائيندي) چڱو چڱو ويهي رهہ! ڏسندس مون واري چوري کي تہ ڪهڙا ڦاڙها پيو ماري؟

آچر: (روئندي داخل ٿيندي) اون.. اون.. اون...!

ماستر: (سامعين ڏانهن ڏسندي) ابا ڏيو منهن؟
ڪنهن ماريو اٿئي ڇورا؟

آچر: (اکيون مهٽيندي) سائين، آنن واري ماسيءَ؟

ماستر: (رجسٽر بند ڪندي) پر ڇو؟

آچر: (هِڏڪندي) سائين، ڪلهه به ماسي پورن ٽن مهينن جا پئسا گهريا هئا، پر اوهان ڪونه ڏنا. اڄ جيئن ئي آئون اوهان لاءِ آنا وٺڻ ويس، ته ماسيءَ آنن ڏيڻ بدران مُڪون هڻي منهنجا پُڻا سُڄائي ڇڏيا!!

ماستر: (ڪاوڙ ۾ اُيو ٿيندي) هن پوڙهيءَ جي اها مجال جو مون کي آنا ڏيڻ کان جواب ڏيڻ سان گڏ منهنجي فرمانبردار شاگرد کي پادر هڻي؟ ڇا کيس خبر نه آهي ته آءٌ ڪير آهيان؟

آچر: (پاڻمرادو ڪُلهي کي زور ڏيندي) ها سائين، پوڙهي ماسيءَ کي خبر آهي ته اوهان سندس قرضي آهيو!!

ماستر: (باهه ٿيندي) بڪواس بند ڪر. اها ڪڳ پوڙهي سمجهي ڇا ٿي پاڻ کي؟ منهنجا به وڏن وڏن ماڻهن سان واسطا آهن. آئون اڄ ئي کيس ڏسڻ ويجان ٿو.

آچر: (ساڄي طرف ليئو پائيندي) سائين توهان جي ويجڻ جي ضرورت ناهي... ماسي ڏنڌو ڪڻيو هتي ئي پيئي اچي.

ماستر: (آچر کي ڪن کان جهليندي) ڇورا! تو پهرين ڇو نه ٻُڌايو. مارائي ڇڏيئي نه؟

(ماستر ڊپ وچان رجسٽر بند ڪري هليو وڃي ٿو)

سڀ شاگرد: (گڏجي) سائين، ڪجهه ته پڙهائي وڃو..!

——— * پردو ڪري ٿو * ———

سرٹیفکیٹ



سرٽيفڪيٽ

ائڪٽ_ 1

جاءِ: ٻهراڙيءَ جو رستو (چؤواٽو)

ڪردار: پوڙهو ڪامل، ماسٽر گُلڻ، بيروزگار نوجوان نورل ۽ هڪ ٻار.

پردو کُلي ٿو.

ڏيک: عينڪ، پٽڪو پاتل جهور پوڙهو ڪامل پنهنجي پوٽي جي سهاري سان رستي تي اچي ٿو. سندس هٿ ۾ هڪ ڪاغذ آهي. اوچتو ٻئي طرف کان ماسٽر گلڻ، ڪُڪڙ ڪچ ۾ ڪري، نروار ٿئي ٿو.

ماسٽر گلڻ: سلا ماليڪم ڏاڏا ڪامل؟

ڪامل: وعليڪم السلام...! اَبا (چشمي کي نڪ تي سيريندي) ڪهڙو آهين؟

ماسٽر گلڻ: (ڪُڪڙ جي پڇ تي هٿ ڦيرائيندي) ڏاڏا ڪامل، آئون ماسٽر گلڻ آهيان، گلڻ!

ڪامل: (ويجهو ايندي) ابا، معاف ڪجئين، هڪ پيري، ٻي نظر جي ڪمزوري هئڻ ڪري، توکي سڃاڻي نہ سگهيس!

ماسٽر گلڻ: مڙوئي خير آ ڏاڏا ڪامل! ڪريو خبر، اڄ پوٽي کي ساڻ ڪري ڪنهن ڪاڄ ۾ ويو پيا ڇا؟

ڪامل: نہ ابا نہ! ڪاڄن ۾ ويڻ اوهان نوجوانن کي سونهين، آئون تہ ڪنهن ڪم سانگي شهر ويڻ لاءِ پئي نڪتس تہ...

ماستر گلڻ: (اڌ مان ڳالهه ڪَٽيندي) ڪوڪم هجي تہ ماستر گلڻ تيار آهي.

ڪامل: خدا تنهنجو ڀلو ڪري، بس! هڪڙي درخواست لکي ڏي.

ماستر گلڻ: (مڇ وٽيندي) حُڪم ڪريو؟

ڪامل: حڪم نہ، پر عرض آهي تہ، پاڻيءَ جي لائين حاصل ڪرڻ لاءِ ڊي.سي صاحب جي نالي انگريزيءَ ۾ هڪ درخواست لکي ڏي!

ماستر گلڻ: (لنوائيندي) ڏاڏا ڪامل! انگريزيءَ ۾ درخواست لکڻ مون لاءِ مشڪل آهي.

ڪامل: (وائڙو ٿيندي) ابا، پوءِ اها ماستري توکي ڪيئن ملي؟

ماستر گلڻ: (ٿهڪ ڏيندي) ڳالهه پڌري پٽ آهي. منهنجي پاران امتحان ۾ ويٺو ڪريم، فٽافٽ ملي ويو سرٽيفڪيٽ.

ڪامل: (تڪڙ ۾ حيرانيءَ مان پڇندي) پوءِ؟

ماستر گلڻ: پوءِ ڇا؟ پئسا ڦينڪ، تماشا ديک. رڳو پنجاهه هزار روپين گرمي ڏيکاري ۾ ماستريءَ جو آرڊر گهر ويني ملي ويو.

ڪامل: (ڪنڌ ويچار ۾ ڌوڻيندي) ابا ماستر وڏا، چئبو تہ ڪم ائين پيو هلي؟

ماستر گلڻ: (ڪُڪڙ جي پڇ تي هٿ گهمائيندي) ڏاڏا ڪامل! ٻيو حڪم؟

ڪامل: (گلڻ جو ڦڪي مُرڪ سان ڪُلهو ٽپريندي) بس ابا، تنهنجي مهرباني جو توکي سيڙايم. ٺهيو ڏسان تو ٻئي ڪنهن کي.

ماستر گلڻ: (موڪلائيندي) ٻيڙا ئي پار...! آ پُٽ جاوا؟

(گُلڻ هليو وڃي ٿو)

ٻالڪ: (معصوميت سان) ڏاڏا، هنن ماسترن کي انگريزيءَ ۾ درخواست ئي لکڻ ڪانہ ٿي اچي، تہ پوءِ شاگردن کي هي ڪيئن پڙهائيندا هوندا؟

ڪامل: (ڀاڪر ۾ ڀريندي) چوين سچ ٿو. هڪ ڏاهي جو قول آهي تہ "اوهان کي ڪنهن قوم کي ٻوڙڻو هجي تہ ان کان علم کسي وٺو".

ٻالڪ: اها تہ ڏاڍي خراب ڳالهه آهي ڏاڏا؟

ڪامل: بس بابلا! دنيا جو ڦيرو آ، جيڪو ڪم علم دشمن کي ڪرڻ گهرجي، اهو ساڳيو ڪم اسان جا نوجوان سفارش ۽ رشوت عيوض ڪرڻ تي فخر محسوس ڪرڻ لڳا آهن.

(اوچتو سامهون نوجوان نورل اچي ٿو)

بالڪ: ڏاڏا، چاچي ڍولڻ وارو پُٽ پيو اچي.

ڪامل: ابا اچڻ ڏينس، اهومڙوئي ڪم واروچوڪر آهي.

نورل: (پيرن تي هٿ رکي ٻنهي سان هٿ جوڙ ڪندي) ڏاڏا ڪامل! آئون نورل آهيان نورل.

ڪامل: خدا ڪري خوش هجين بابا! هڪ ڪم ڪر، انگريزيءَ ۾ درخواست لکي ڏي تہ دعائون ڪندو سئين.

نورل: (چاتيءَ تي نيازمنديءَ سان هٿ رکندي) حاضر ڏاڏا سائين، حڪم ڪريو. ڪنهن ڏانهن ۽ ڪهڙي سلسلي ۾ درخواست لکڻي آهي؟

ڪامل: ابا، اها پاڻيءَ جي لائين ونڻ لاءِ ڊي.سي صاحب ڏانهن.

نورل: اوهان لاءِ ڪوڙ درخواستون لکي ڏيڻ پاڻ لاءِ عبادت ٿو سمجهان، ڇو تہ اوهان سنڌيءَ جا عظيم ۽ جهونا رٿائرڊ استاد آهيو.

ڪامل: ابا، مون تہ حال سارو خدمت ڪئي، پر تون ٻُڌاءِ تہ هن وقت ڇا ڪري رهيو آهين؟

نورل: ڏاڏا، اوهان جي دعا سان بي.اي پاس آهيان، پر...؟

ڪامل: (آڏ مان ڳالهہ ڪٽيندي) توکي ماستري بہ ڪانہ ملي ڇا؟

نورل: (ٿڌو ساهہ ڀريندي) هڪ غريب، ٻيو سفارش ۽ ٽيون رشوت نہ هئڻ ڪري اسان جهڙن لاءِ ڪهڙي نوڪري ڏاڏا ڪامل؟ پوءِ بہ خدا جو شڪر آهي، ٻن ايڪڙن تي هر هلائي، گذران ڪريان پيو!

ڪامل: (هٿ مٿي ڪڍندي) بس! خدا ساڃاهہ ڏي انهن آفيسرن کي، جيڪي ڏن جي لالچ ۾ توجهڙن سوين باشعور نوجوانن جو حق ماري رهيا آهن.

نورل: فقط اوهان جون دعائون گُهرجن. دنيا علم، عقل ۽ شعور جي هٿيارن سان ليس ٿي ايڪويهين صديءَ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ، اڄ کان ئي تياريون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون آهن.

ڪامل: پُٽ! تنهنجا ويچار ٻُڌي، ڄڻ مون کي خواب جي تعبير ملي ويئي آهي. آس اٿم تہ خدا ڪري ڪوڪڙي ماستر گلڻ بدران، تو جهڙا باهمت، نوجوان اسڪول جي ايوانن ۾ استاد بڻجي، علم جي روشني پکيڙي قومي فرض پورو ڪن!!

نورل: ان شاءَ الله ائين ئي ٿيندو ڏاڏا ڪامل. پر... پهرين اوهان جو ڪم. هٿ لکيل درخواست تي ڪامورا گهٽ ڏيان ڏيندا آهن! فڪر نہ ڪريو. آئون روزانو ٽائيپ سکڻ لاءِ شهر ويندو آهيان، واعدو آهي تہ اڄ ئي درخواست ٽائيپ ڪري، شام جو گهر پهچائي ويندس.

ڪامل: (خوش ٿيندي) ٻچا! خدا توکي وڏي حياتي ڏي.

نورل: (موڪلائيندي) چڱو الله توهار.

(نورل هليو وڃي ٿو)

ڪامل: هل ٻچڙا! تہ هلي گهر ڀيڙا ٿيون.

——— * پردو ڪري ٿو * ———

ډاکټر اسي، مَت کَسي

ڊاڪٽر اَسي، مت ڪَسي

جاءِ: (مقام) خانگي ڪلينڪ

سيٽ جو سامان: ميز ڪُرسي، اسٽول، ميڊيڪل چارٽ، گُهربل ڊاڪٽري سامان، ڪلينڪ، اخبارءِ ٽارچ وغيره.

ڪردار: پيرسن ڊاڪٽر، اڻ پڙهيل ڪمپائونڊر، پوڙهو مريض (1)، ٻار مريض (2) پرڻيل مريض (3)، نوجوان مريض (4) اڌڙوٽ مريض (5) مجاور مريض (6)

پردو کُلي ٿو.

ڏيک: گوڏ ۾ قميص تي ٽاءِ پاتل پيرسن ڊاڪٽر اوپاسيون ڏيندي، اُبتي اخبار پڙهي رهيو آهي. سندس لاڏلو ڪمپائونڊر ڪيس زور ڏئي رهيو آهي ۽ ننڍاڪڙين اکين سان ڪو گانو بہ جهونگاري رهيو آهي. اوچتو ڊاڪٽر کي نڇ اچي ٿي. ردعمل ۾ ڪمپائونڊر اُپ ڦاڙ رڙ ڪندي پُنتي ڪري پوي ٿو. ڊاڪٽر تُرت اٿندي ڪيس سهارو ڏئي ٿو.

ڊاڪٽر: (پيار وچان) پيارا قربائتا ڪمپونڊر جمعا؟

RP: (ڪپڙا ڇنڊي ۽ ڪرسيءَ جي چوڌاري گهوماٽيون ڪائيندي) سائين! پيو گهمان؟

ڊاڪٽر: (ڪن جهليندي) بروبر، بروبر! يعني تنهنجو ڪم گُهمڻ ۽ منهنجو ڪم ڦِرڻ. سمجهہ ۾ تہ اچي پيو، پر تو واري اها ڳالهہ، اجا بہ سمجهدانيءَ کان ايئن ٻاهر آهي، جيئن مڇرداني ءَ کان ٻاهر محترم مڇر صاحبان!

RP: ڪهڙي ڳالهہ ڊاڪٽر سائين، اسي مت ڪسي صاحب؟

ڊاڪٽر: (تَنگ تَنگ تي رکندي) ڏي خبر، منهنجا دلبر ڪمپونڊر! اڄ ڪيترا مريضَ ڪُٽا؟

RP: آڱرين تي ڳڻپ ڪندي) پنج ڏون ڏهہ!

ڊاڪٽر: (رڙ ڪري اُٿندي) اڙي چريا چيبٽ جمعا؟

RP: (گول ڦيرو ڪندي) سائين پيو گهمان؟

ڊاڪٽر: (ڏندن تي آڱر ڏيندي) حيرت آهي، مون تہ ڪلهہ يارهن مريضن کي دوا ڏني هئي!

RP: سائين اسي مت ڪسي صاحب، پڪ سان هڪڙي مريض دوا ڪونہ پيتي هوندي.

ڊاڪٽر: (خفا ٿيندي) چڱو چڱو، مٿو نہ کاءُ، ٻاهر وراندي ۾ اُبتو وڃ. جيڪي بہ مريض آيا هجن، اُنهن سڀني کي سُبتو موڪل، جمعا؟

RP: (اُبتو ڦيرو ڏيندي ۽ اُبتو ٻاهر ويندي) سائين پيو گُهمان. بس اوهان جي حڪم جي تعميل ۾ پيو وڃان!

(هدايتون: ڪمپائونڊر اُبتي پير جهونگاريندو ٻاهر وڃي ٿو. ڊاڪٽر ڪرسيءَ تي ويهندي پاڻ کي تپاسڻ لڳي ٿو. ايتري ۾ سمورا مريض اشارن، ڪناين ۽ آوازن سان گڏ سلام ڪري رکيل ڊگهي بينچ تي ويهڻ شروع ڪري ڏين ٿا. ڊاڪٽر جوابي سلام ڏئي ٿو.)

ڊاڪٽر: (مريض نمبر 1 پوڙهي سان مخاطب ٿيندي) وڏا! اوهان کي ڪهڙي تڪليف آهي؟

مريض: (ڏڪندي) ڪهڙي تڪليف ٿا پڇو ڏاڪدر صاحب! سڄي رات سيءَ ۾ ڏڪيو آهيان.

ڊاڪٽر: ڇا سيءَ ۾ ڏند بہ ٽڙڪي رهيا هئا؟

مريض: اُن ڳالهہ جي خبر تہ ناهي، ڇو تہ مون پنهنجي ٻٽيهي لاهي رکي ڇڏي هئي.

(هدايتون: ڊاڪٽر پوڙهي مريض نمبر 1 کي پرچيءَ تي بہ ـ تي اکر لکي ڏئي ٿو ۽ هُو ڊاڪٽر کي سلام ڪندي ٻاهر هليو وڃي ٿو.)

ڊاڪٽر: (مريض نمبر 2 کي تپاسيندي) پُٽ! توکي ڇا ٿيو آهي؟

مريض ٻار: سائين! مون کي پيٽ ۾ سُور آهي.

ڊاڪٽر: (پيٽ تي هٿ لائيندي) پيٽ ۾ سُور ڪڏهن کان پوڻ شروع ٿيو آهي؟

مريض ٻار: جڏهن کان اسڪول ۾ داخل ٿيو آهيان.

(هدايتون: ڊاڪٽر پُڻ پُڻ ڪندي، ٻالڪ مريض کي پرچي لکي ڏئي ٿو. ٻالڪ ٻئي هٿ پيٽ مٿان رکي سُور واري ڪيفيت جو اظهار ڪندي ٻاهر نڪري وڃي ٿو.)

ڊاڪٽر: (مريض نمبر 3 سان مخاطب ٿيندي) اوهان سان ڪهڙي ويڌن آهي؟

مريض: مون سان تہ ڪابہ ويڌن ڪونهي ڊاڪٽر صاحب، پر مسئلو اهو آهي تہ منهنجي گهرواريءَ کي تمام گهڻو سُور رهي ٿو جنهن ڪري هوءَ هر وقت تي ويءَ وانگر وڃندي رهي ٿي.

ڊاڪٽر: گهبرائڻ جي ڪابہ ڳالهہ ناهي،منهنجا مريض محترم! اوهان آرام سان وڃي، منهنجي ڦي ٻڌايوس! پوءِ بہ سُور نہ لهيس تہ هڪ ٻيو ٿي وي چينل ڏيکاريوس، جنهن ۾ ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين، جسماني ورزش ڪرائڻ وارا جديد گانا هوندا آهن... پوءِ بہ احتياط طور جاڳڻ

واريون گوريون لکي ڏيان ٿو.

(هدايتون: ڊاڪٽر پرچي لکي، مريض کي ڏئي ٿو. هُو پرچي وٺي ٻاهر وڃي ٿو.)

ڊاڪٽر: (نوجوان مريض نمبر 4 کي ڏسندي) جوان جاني مريض! حال احوال ڪر، تون منهنجو پراڻو مريض آهين. مون کي پڪ آهي ته تو اڄ آرام سان ماني کاڌي هوندي.

مريض: نه نه ڊاڪٽر صاحب! اڄ ماني ڀاڄيءَ سان کاڌي اٿم.

(هدايتون: ڊاڪٽر پرچي لکي ڏئي ٿو. مريض ٻاهر وڃي ٿو.)

ڊاڪٽر: (آخري مريض مجاور کي چڪاسيندي) بيماري بيان ڪر بابا!

مريض: آئون ايترو غريب آهيان ڊاڪٽر صاحب، جو اوهان جي فيي به نٿو ڀري سگهان، پر اوهان منهنجو ڪوٽ ڪوٽان علاج ڪندا ته بدلي ۾ اوهان جي خاندان جو مفت ۾ ڪم ڪندس!

ڊاڪٽر: (واڇون ٽيڙيندي) تون ڪهڙو ڪم ڪندو آهين؟

مريض: سائين! آئون قبرون کوٽيندو آهيان.

(هدايتون: پرچي لکي، مريض کي ڏئي ٿو هو پڙهي بيهوش ٿي وڃي ٿو. ڊاڪٽر پنهنجي منهن ڀُڻ ڀُڻ ڪندي هن مريض کي پنهنجن ڪُلهن تي کڻي ٻاهر نڪري وڃي ٿو.)

——— * پردو ڪري ٿو * ———

ننڍڙو ڪُڪڙ چور

ننڍڙو ڪُڪڙ چور

جاءِ: **ٽاڻو**

ڪردار: **صوبيدار، سپاهي ۽ ٻالڪ چور.**

پردو کُلي ٿو.

ڏيک: **صوبيدار ڪرسيءَ تي سيٽيو ويٺو آهي. ميز تي ڪجهہ ضروري ڪاغذ پيل آهن. ميز جي اڳيان ننڍي عمر جو هڪ "ٻالڪ چور" ڪُڪڙ ٿيو بيٺو آهي. صوبيدار مُڇون وٽيندي ڪيس گهوري ڏسي ٿو ۽ اوچتو ڪرسيءَ تان اُٿي لَڪُڻ ڪٽي چور جي پرسان اچي ٿو.**

صوبيدار: (پٽيءَ تي زور سان پير رکندي) اڙي چورا؟

چور: (ڦڙتيءَ سان اُٿندي) ڪُڪڙوڪُو.

صوبيدار: (ڪَنَ کان جهليندي) شرم نٿو اچنئي؟

چور: (بيساختگيءَ سان) سَرڪار، هجي تہ اچي نہ!

صوبيدار: (مٿي تي چنبو هڻندي) اڙي نيا ڳا، ايڏي نڪ ڏاڍائيءَ سان، سو بہ ڏينهن ڏٺي جو ڪُڪڙيون ٿو چوري ڪرين؟

چور: (هٿ ٻڌندي) ڇا ڪريان سائين، مجبوري آهي، رات جو ڪُتا ٿا ڏاڙهين!

صوبيدار: (چپ پڪوڙيندي) پر چورا، توکي چوري ڪرڻ مان آخر ملي ڇا ٿو؟

چور: (هٿ ملائڻ لاءِ ڍگهاريندي) اوهان صاحبن سان ملڻ جو موقعو!

صوبيدار: (هٿن کي ڏکو ڏيئي اکيون ڦوٽاريندي) ڇا مطلب؟

چور: (مصنوعي انداز سان ڪٿا بيان ڪندي) ننڍپڻ ۾ ئي ابو امان گذاري ويا تہ ٿي ويس ڇورو ڇنو. اسڪول ۾ بہ ويٺس، پڙهائڻ بدران ماسترن ورتيون ونگارون. وهٽ وانگر وهڻ کان پوءِ بہ مليون مارون! سوچيم تہ وڏو ٿي اول ماستر، پوءِ ڏو پوليس ۾ پرتي ٿيندس!

صوبيدار: (اڻ تڻ وچان) پوءِ ڇا ٿيو؟

چور: بس! ڳوٺ جي هوٽل، ان تي هلندڙ وي.سي.آر تي ڏاڙيلن واريون مار ڏاڙ سان ڀرپور فلمون ۽ ٽيپ تي وڃندڙ جلال چانڊيي جي ڪلامن جي ڪڙتال تي هڪ پوليس واري سان سنگت ٿي. ڪڙڪ ڏوڀتي چانهه ۽ ڪڙهائي گوشت جا آرڊر اچڻ لڳا...!

صوبيدار: (تجسس سان) پوءِ ڇا ٿيو؟

چور: هڪ طرف ٻارن سان رهيل راندين "چور پوليس" ۾ ڀاڳين کي اندر ۽ چورن کي ٻاهر ڪندو رهيس ته ٻئي طرف سنگتي پوليس واري جي ڏنل هدايتن جي روشنيءَ ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون چوريون به ڪرڻ شروع ڪري ڏنم!

صوبيدار: (ڪياڙي کنهي ۽ لڄي ٿيندي) ڇا پيو چوين چنڊا؟

چور: (ڳالهين ڳالهين ۾ صوبيدار جي ڪيسي مان نوٽ ڪڍندي) سائين! چوڻ وارا به چون ٿا ۽ اخبارون به لکن ٿيون ته پوليس خود چوريون ڪرائي ٿي، ان ڪري مون به اڄ جو ڪم سيڻي تي ڇڏڻ بدران، اڄ ئي ڪرڻ کي فرض سمجهي "ڏنڌو" ڪرڻ شروع ڪري ڏنو!

صوبيدار: (ڪنڌ ڏوڻيندي) هون!

چور: (نوٽ چُمي، کيسي ۾ وجهندي) سرڪار مائي باپ، هون نه، پر هٿ ڪڍو ته ٿيان زون!

صوبيدار: (اک ٽيٽ ڪندي) ڏيهاڙي گهٽا ڪڪڙ چوري ڪندو آهين؟

چور: (لاپرواهيءَ سان) اهي ڏهاڪو ڪن ڪُڪڙ، جن مان به وڏي منشيءَ کي ۽ ٽي اوهان جي بنگلي تي...!

صوبيدار: (اڏ مان ڳالهه ڪٽي، خوش ٿيندي) اڇا ...! اڇا!

چور: سائين اڇا فارمي نه، ڪارا ديسي ڪُڪڙَ.

صوبيدار: اڙي تون ته ڪم وارو ڇوڪر ٿو ڏسجين؟

چور: بروبر.

صوبيدار: (پوئين کيسي ۾ هٿ وجهندي) وٽ خرچي، ڇا ياد ڪندين؟

چور: بروبر.

صوبيدار: (پاڻمرادي تلاشي وٺي ٽيبل ڏانهن ويندي) اڙي پئسا ڪيڏانهن ويا؟

چور: (دروازي ڏانهن ويندي، نوٽ ڏيکاري ڀڄندي) هي ڏسو سائين!

صوبيدار: (پس منظر ڏانهن منهن ڪندي رڙ ڪندي) اڙي سپاهي ڪوڙا خان!

سپاهي: (پس منظر تان) جي سائين!

صوبيدار: وارو ڪر جهل چوري کي، پيينگ ڪري ويو.

سپاهي: (پس منظر تان) متان ويو آهين چورا. چوان ٿو بيهي رهه، نه ته بندوق هٿي گوڏو ڪڍي رکندوسئين!

صوبيدار: (پنهنجي منهن وڦلندي ۽ چهل قدمي ڪندي) چورو ڪو بنهين نياڳو هو. پوليس آفيسر جو به ڪيسو گٽي ويو. پل ڪوڙو خان کنيي اچيس، اصل کل لاهي ڇڏيندوسانس.

سپاهي: (داخل ٿي سلوٽ ڪندي ۽ سهڪندي) سائين!

صوبيدار: چوري کي پڪڙيئي؟

سپاهي: نه سائين، باقي سندس آڱرين جا نشان ضرور هٿ آيا آهن.

صوبيدار: (تريءَ تي مُڪ هڻندي) ويري گُڊ. اهي نشان ڪٿي آهن؟

سپاهي: (روٺهار ڪو ٿيندي) سائين! منهنجي ڳل تي!!

صوبيدار: (ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿڪ الارينديِ) اڙي ڪا مار پوئي...!!

گدلاٹ

گدلاڻ

ائڪٽ_ 1

جاءِ: رستو

ڪردار: پيءُ، پُٽ ۽ ڳوناڻو

پردو کُلي ٿو.

ڏيک: پيءُ پنهنجي شاگرد پُٽ کي آڳر کان جهلي اسڪول ڇڏڻ لاءِ وٺي وڃي رهيو آهي. سندس مُٺ تي ٻيڙيءَ جا ڪش آهن. پُٽ جي هڪ هٿ ۾ ڇاتي لاتل ڪتاب آهن ۽ ٻئي هٿ سان بسڪوٽ بہ کائيندو اچي ٿو تہ ساڳئي هٿ سان ٻيڙي جي دونهي تي کنگهڪار ڪري ٿو تہ بسڪوٽ پٽ تي ڪري پويس ٿو.

پُٽ: (جهڪي بسڪوٽ ڪڍندي) بيهو بابا سائين!

پيءُ: (هٿ جهليندي) نہ پُٽ نہ، هيٺ ڪريل ڪابہ شيءِ نہ ڪڍبي آهي.

پُٽ: (معصوميت وچان) ڇو نہ ڪڍبي آهي بابا؟

پيءُ: (سمجهائيندي) ان ڪري تہ پَٽَ تي ڪريل شيءِ گندي ٿي ويندي آهي، جيڪي بہ ٻار پَٽَ تي ڪِريل شيون ٻيهر ڪڍي کائيندا آهن، تہ فوراً بيمار ٿي پوندا آهن.

پُٽ: پر بابا، ڪي ماڻهو تہ پَٽَ تي ڪِريل ٻيڙيون بہ تہ چونڊي پيئندا آهن نہ؟

پيءُ: اها ٻي ڳالهہ آهي. دراصل اهي ٻيڙين کي نہ، پر ٻيڙيون انهن کي پيئنديون آهن!!

پُٽ: ٻيڙي جي دونهين سان ماحولياتي گدلاڻ ۾ بہ تہ واڌارو ٿئي ٿو نہ!

پيءُ: بابا،تون اجا ننڍڙو آهين. توکي ڪهڙي خبر تہ دل جي ڪارخاني کي هلائڻ لاءِ وات جي چمنيءَ مان دونهين کي درگذرڪرڻو ئي پوي ٿو!

پُٽ: بابا، توهان بہ تہ ٻيڙيون پيئو ٿا نہ، توهان ۽ توهان جهڙا ڪروڙين ماڻهو دونهون ڇڏيندڙ ڪارخانا بڻجيو هلن تہ پيا، پر شهرن ۾ لڳل هزارين ڪارخانن مان نڪرندڙ زهريلي دونهين بہ انسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي.

پيءُ: (ڪن کان جهليندي) ڇورا! اهي پَٽيون توکي ڪنهن پڙهايون آهن؟

پُٽ: ڪمال آهي بابا! اخبارن، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي گهوڙا گهوڙا لڳي پيئي آهي تہ وڏ ۾ وڏ وڻ پوکي ماحولياتي گدلاڻ جو خاتمو آڻيو.

پيءُ: (زور سان ڳالهائيندي) پوءِ تون ۽ آئون ڇا ٿا ڪري سگهون؟

پُٽ: گوڙ شور سان ڳالهائڻ ڪري بہ آلودگيءَ ۾ اضافو ٿئي ٿو. ها! توهان کي اهو بہ ٻُڌائيندو هلان تہ تعليم کاتي طرفان سنڌ صوبي جي سمورن ثانوي اسڪولن ۾، ماحول جي تحفظ واري صوبائي اداري جي تعاون سان ماحولياتي ڪلبن قائم ڪرڻ جو فيصلو ٿي چڪو آهي.

پيءُ: پوءِ اهي ڪلبون ڪهڙا ڦاڙها ماريندیون؟

پُٽ: انهن ڪلبن تحت اسڪولن ۾ وڻ پوکڻ، صفائي رکڻ، پوسٽر تيار ڪرڻ ۽ مضمون نويسيءَ سان گڏ تقريري مقابلا بہ ڪرايا ويندا.

پيءُ: (ٻي ٻيڙي دکائيندي) چوين تہ سچ ٿو پُٽ! پر آئون انهيءَ سلسلي ۾ تنهنجي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿو؟

پُٽ: چوندا آهن تہ هر ڳالهہ هميشہ پنهنجي گهر کان شروع ڪرڻ گهرجي.

پيءُ: منهنجا پيءُ توکي ڄڻي گهر کان ڳالهہ تہ شروع ڪري چڪو آهيان نہ!

پُٽ: نہ بابا نہ! ٻيڙيءَ کي فوراً وسائي عهد ڪريو تہ اڄ کان وني وري ٻيڙيءَ کي هٿ نہ لائيندؤ.

پيءُ: حاضر بابا! ٻيڙي تہ هينئر ئي وسايان ٿو، پر قسم ماڻهين جي سامهون کڻندس، جنهن مون کي هيرايو هو...!

(پيءُ پير مٿي کڻي پادر هيٺ ٻيڙي وسائي ٿو تہ ڏو اچي پٽ تي پوي ٿو)

پٽ: ڇا ٿيو بابا؟

پيءُ: (چيلهہ کي هٿ ڏيئي اُٿندي) وارو ڪر ٻچڙا!

پُٽ: (هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي) پوءِ بابا! آئون ڇا ڪريان؟

پيءُ: (خار مان ڏسي) مون کي اٿار ٻيو ڇا؟

پُٽ: (بي سمجهيءَ سان) نہ بابا نہ، آئون اوهان کي ڪونہ اُٿاريندس!

پيءُ: (رڙ ڪندي) اڙي نيا ڳا، ڇا ٻيو چوين؟

پٽ: (معصوميت سان) سويل اوهان ئي تہ حڪم ڪيو هو تہ پَٽَ تي ڪريل ڪابہ شيءِ کڻڻ نہ گهرجي!

پيءُ: (حيران ٿيندي) پيءُ سان پلاند ٻيوڪرين ڇا۔ ڇورا؟

پٽ: توهان جي هدايتن تي عمل ٻيو ڪريان. ڇڳو بابا! مون کي دير ٿي رهي آهي، آئون هلان ٿو اسڪول.

(پُٽ out ٿي وڃي ٿو)

پيءُ: (ڪِنجهندي) اڙي۔ اڙي ڳالهہ تہ ٻُڌ!

(هدايتون: اوچتو هڪ گوڏ پاتل پٽيءَ اگهاڙو ڪلهي تي ڪوڏر کڻي داخل ٿئي ٿو ۽ ڊوڙ پائي پيءُ کي سهارو ڏئي ٿو)

ڳوٺاڻو: سائين! ڇا ٿيو؟

پيءُ: (اُٿي، چيلهہ تي هٿ ڏيئي ڊگهو شوڪار ڀريندي) يَر، تنهنجا ٿورا.

ڳوٺاڻو: مڙوئي خير آ سائين، ان ۾ ٿوري جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟

پيءُ: ٿوري جي ڳالهہ ناهي تہ، منهنجي ڇوري جي ڳالهہ ضرور آهي.

ڳوٺاڻو: ڇا 'مطبل'؟

پيءُ: اوهان جو اسم شريف؟

ڳوٺاڻو: (مُنجهندي) مون اوهان جو 'مطبل' نہ سمجهيو ڇاڇا ڇڳا!

پيءُ: (ڪُلهي تي هٿ رکندي) ڀائو؟ مون اوهان جو اسم شريف پڇيو هو؟

ڳوٺاڻو: (ڪَن کي آڱر ڪندي) ها ها! سائين سچ ڄاڻو تہ ننڍپڻ ۾ اُڙيو ٿڙيو پڙهيو ضرور آهيان، پر اَن ڏيئي، ان ڪري اسم شريف تہ ڪونہ ٿو اچي، پر دُرود شريف ضرور ٿو اچي. ڇئو تہ...؟

پيءُ: (اڏ مان ڳالهہ ڪَٽيندي) ادا منهنجا، مون اوهان کان اوهان جو نالو پڇيو... نالو؟

ڳوٺاڻو: (ڪنڌ ڏوڻيندي) ائين چئو نہ سائين۔ منهنجو نالو چيڙ آهي چيڙ. خدا جي فضل سان تي پٽڙا بہ اٿم. هڪڙي جو نالو عبدالڪريم، ٻئي جو نالو فضل ڪريم آهي ۽ خيرن سان ٽيون ٻچڙو ڪالهہ ئي ڄائو آهي، سوچيان پيو تہ ڪهڙو نالو رکانس؟

پيءُ: (آڱرين تي ڳڻيندي) هڪ جو نالو عبدالڪريم، ٻئي جو نالو فضل ڪريم، تہ پوءِ ٽئين جو نالو رک آئس ڪريم!

ڳوٺاڻو: (خوش ٿي هٿ ملائيندي) واهہ سائين واهہ، واهہ جو 'ڦيشني' نالو ٻڌايو اٿوَ؟ بس پڪ ڄاڻو تہ منهنجي ٽئين پٽ جو نالو آئسڪريم ٿيو!

پيءُ: پوءِ ان کي پيوڪائجانءِ ۽ چٽجانءِ!

ڳوٺاڻو: (نہ سمجهندي) ڇا 'مطبل'؟

پيءُ: (اشارو ڪندي) مطلب کي هڻ گولي۔ هو ڏس منهنجو ڇوڪرو پيو اچي. اچي ويو تہ آئسڪريم مان بہ گدلاڻ ڪڍي، ٻنهي جي گُڏ ڪڍندي ويرم نہ ڪندو، ان ڪري ڇڄ تہ ڇڄئون.

(ٻيئي آئوٽ ٿي وڃن ٿا.)

——— * پردو ڪري ٿو * ———

وڏي جڏهن آءُ وڏوڻيندس

وڏي جڏهن آءُ وڏو ٿيندس

ائڪٽ_ 1

پردو کُلي ٿو.

ڏيک: ڪکائون گهر آهي. رات جو پوبون پهر ٿي چڪو آهي. پندرهن سالن جو ننڍڙو ملوڪ، لالٽين جي هلڪي روشنيءَ ۾ ڪورس جا ڪتاب پڙهي رهيو آهي. امتحان مٿي تي آهن. سندس ماءُ ماسي ڦاپو ٽپائي پرسان رکيل کٽ تي بي خبر سُتي پيئي آهي. اوچتو پاسو ورائي ٿي. کٽ جي چيڪاٽ جي آواز تي مَلوڪُ، ماءُ ڏانهن ڏسي ٿو.

ماءُ: (ننڊاکڙي حالت ۾) ملوڪ پُٽ! پاڻي سُرڪو ته پيارجانءِ!

ملوڪ: (تڪڙ ۾ ڪتاب بند ڪندي) ها جيجان آڻيان ٿو.

(ملوڪ وٽي ۾ دلي منجهان پاڻي اوتي ماءُ جي سيرانديءَ کان اچي ٿو ته ماڻس سُمهي چڪي هئي. ملوڪ جاڳائڻ لاءِ هٿ ڊگهاري ٿو پر آرام جي خيال کان هٿ ڇڪي وٺي ٿو ۽ سيرانديءَ کان کٽ جي پيرانديءَ تي ايندي، ماءُ جي جاڳ جي انتظار ۾، وٽو جهلي بيهي رهي ٿو. تان جو پرهه ڦٽي پريات ٿي وڃي ٿي. ڪُڪڙ دس وڃائين ٿا. ملوڪ ماءُ انهن آوازن تي جاڳي پوي ٿي. ٻانگ جو آواز اچي ٿو.)

ماءُ: (آرس موڙيندي ۽ حيرانيءَ وچان ڏسندي) ملوڪ پُٽ! تون ڇو بينو آهين؟

ملوڪ: امان، اوهان سويل پاڻي گهريو هو. آئون ڪٽي آيس، پر اوهان ننڊ پئجي چڪيون هيون، ان ڪري آئون...!

ماءُ: (پريشان ٿي اڏ مان ڳالهه ڪٽيندي) اَئي مُنيس! تون سڄي رات ائين ئي پيرن پر بيٺو رهئين؟ مون کي ڪٽي اٿارين ها!

ملوڪ: (پاڻيءَ جو وٺو ڏيندي) امان! پاڻي...!

ماءُ: (وٺو وٺي، پاڻي پي، وٺو واپس ڪندي) شڪر مالڪ جو! رب ڪندو سڄي عمر سُک ماڻيندين، ڪڏهن ڪوسو واءُ نه لڳندئي.

ملوڪ: (وٺو چٽائيءَ تي رکي ۽ ماءُ جي پيرن تي ڪرندي) منهنجي مني امان! تنهنجي دُعا ئي ته منهنجو اَجهو آسرو ۽ دنيا آهي. هيءَ ته چند گهڙيون هيون، جن جي گذرندي ڪا ويرم ڪانه ٿي، پر جي منهنجي ساري ڄمار به تنهنجي چاڪري ڪندي گذري،ته ڄڻ مون حج ڪٽيو امان!

ماءُ: (سيني سان لائيندي ۽ پيار ڪندي) منهنجا ٻچا!

ملوڪ: (ماءُ جي سيني ۾ منهن لڪائيندي) امان!

ماءُ: (سيني کان جدا ڪندي) پُٽ، جنهن اولاد کي پنهنجي ماءُ جو اونو هوندو آهي، ته ان لاءِ هر پيچري ۽ هر گس تي دعا جا در کُلي ويندا آهن. اهڙو اولاد ڪڏهن به ڏکن جو منهن نه ڏسندو آهي.

ملوڪ: تون سچ ٿي چئين امان! تنهنجي دُعا سان مون کي آڳاٽي زماني جو هڪ بادشاهه ياد اچي ويو، جيڪو پڻ اسان وانگر غريب هو. هڪ ڀيري هن کان به سندس ماءُ پاڻي گهريو هو، پر ماءُ جي سمهڻ ڪري ساري رات اکين ۾ ڪاٽي ڇڏيائين. صبح جو جاڳ ٿيڻ تي ماءُ کيس دل سان دُعا ڪئي ته ”رب ڪندو ته مُلڪ جو حاڪم ٿيندين“. امان.. امان...هن جي ماءُ جي دعا جو ايڏو اثر ٿيو، جو هو وڏوٿي ملڪ جوحاڪم ٿي ويو. امان اهو قصو اسان کي سائين ٻُڌائيندو آهي، پر هاڻي ڪتابن مان ڪڍي ڇڏيو اٿن!

ماءُ: ها پُٽَ، سياڻن به سچ چيوآهي ته ماءُ پيءُ راضي ته رب راضي. منهنجي به توکي دُعا آهي، رب ڪندو ته خوب ترقي ڪندين، آفيسر ٿيندين، حڪم هلائيندين.

ملوڪ: نه امان نه... آئون حڪم ڪونه هلائيندس.

ماءُ: پوءِ پلا ڇا ڪندين؟

ملوڪ: تنهنجي هر حڪم جي پيروي ڪندس. ماڻهن جي خدمت ڪندس. وطن جي خدمت ڪندس.

ماءُ: رب ڪندو تہ ائين ئي ٿيندو، جيئن تون چاهين ٿو پُٽَ.

ملوڪ: امان! هڪڙي ڳالهہ پُڇان؟

ماءُ: صدقي وڃان توتان پُٽ... هڪ نہ سؤ پُڇ!

ملوڪ: امان! هي پنهنجا ڳوناڻا ذري ذري ڳالهہ تان وڙهن ٿا. ڪهاڙيون اُڀيون ڪري هڪ ٻئي جو خون ڪن ٿا، اهو الله سائينءَ وٽ ڏوهہ آهي نہ!؟

ماءُ: وڏو ڏوهہ آهي پُٽ! جنهن جي معافي آخرت ۾ بہ ڪانهي.

ملوڪ: پوءِ امان! تون هنن کي ڇو نٿي سمجهائين تہ هڪ ٻئي جو خون ڪرڻ بجاءِ پاڻ ۾ پيار محبت سان رهن، تہ جيئن نيڪ ۽ سُنا انسان سڏجن. ائين ڪرڻ سان ڳوٺ جو، قوم جو، وطن جو نانءُ اوچو ٿيندو.

ماءُ: پُٽ! جتي علم جي روشني نہ هوندي آهي، اتي جهالت جي اوندهہ ۾ هڪ ٻئي کي مارڻ ۽ جهيڙا ڪرڻ بهادري سمجهي ويندي آهي. ويچو صرف ايترو آهي تہ الله جنت ۾ جاءِ ڏئي تنهنجي مرحوم پيءُ کي، جيڪو چار اکر پڙهيو تہ مرندي مهل ڦرهي تنهنجي هٿ ۾ ڏيڻ جي وصيت ڪندي، پساهہ ڏنائين. جي تون بہ چار اکر نہ پڙهين ها تہ وڏو ٿي تون بہ ائين ڪرين ها، جيئن ٻيا ڳوناڻا ڪن پيا!!

ملوڪ: (عزم سان) مون کي رڳو وڏو ٿيڻ ڏي امان! پوءِ ڏسجئين تہ انهن کي سڏو ڪري فوج ۾ پرتي ڪرائيندس.

ماءُ: (مسڪرائيندي) وڏو نہ ٿيو آهين تہ ڇا ٿي پيو؟ وڏن واريون ڳالهيون تہ ڪرين پيو نہ! چڱو هاڻي ڳالهيون ڇڏ. ڏس تہ سهي اوجاڳي ۾ اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون اٿئي، وڃي سمهي پؤ!

ملوڪ: نہ امان... تون ئي تہ چوندي آهين نہ: ”سج چڙهئي کان پوءِ نياڳا ٻار سمهندا آهن“. هينئر تہ آءٌ اسڪول ويندس.

ماءُ: چڱو، تون هلي هٿ منهن ڌوءُ ۽ آئون مانڌاڻيءَ کي ولوڙ ڏيئي، تنهنجي لاءِ نيرن تيار ڪري وٺان. ها، راتوڪو کير جميو رکيو آهي، اهو رڌڻي ۾ ڏيندو، پوءِ وڃي هٿ منهن ڌوءُ! وڃ... اڃا ڀلا ڇو بيٺو آهين؟ بابلا مون کي تنهنجي نيرن تيار ڪري ڏيڍيءَ تي ڪم لاءِ بہ وڃڻو آهي، نہ تہ مرنداسين سڄو ڏينهن ٻُک!

ملوڪ: امان، تون ڏيڍيءَ تي ڇو ويندي آهين؟

ماءُ: اهابہ ڪا پڇڻ جهڙي ڳالهہ آهي؟ ڏيڍيءَ تي نہ وڃان تہ پوءِ ڪائينداسين وري ڪٿان؟ آءٌ ڪٽي نہ ڪاوان، پر تنهنجي لاءِ وڃڻو ئي پوي ٿو!

ملوڪ: پوءِ امان وڃڻ ڇڏي ڏي!

ماءُ: (حيرانيءَ وچان) ڇو؟

ملوڪ: آئون ماني ڪائڻ ڇڏي ڏيندس!

ماءُ: چريو تہ نہ ٿيو آهين، اڄ صبح سويرِ ڪهڙيون وايون پيو ڪرين؟ آءٌ پورهيو ٿي ڪريان، پورهيي ۾ ڪو عيب ڪونهي.

ملوڪ: آءٌ جڏهن توکي رئيس جي حويليءَ تي ويندي ڏسندو آهيان، تہ ڏاڍو ڏک ٿيندو اٿم.

ماءُ: وري ٻاراڻيون ڳالهيون...! ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻ کان پورهيو ڪرڻ چڱو آهي پُٽ، تون منهنجو ڏاهو پٽ آهين. تون بہ تہ اسڪول کان سڏو سِلو درزيءَ وٽ ويهي ڪاج بٽڻ ٽانڪي چار ڏوڪڙ ڪمايو اچين. ٻيو نہ تہ، ڪتابن جو خرچ تہ پاڻ ڪڍيو وينو آهين. پورهيو مهڻو تہ نہ آهي پُٽ! پورهيو تہ نبين ۾ ولين بہ ڪيو آهي. پگهر وهايون ٿا تہ چار ڏوڪڙ تريءَ تي اچن ٿا، خدا ڪارڻ ڪير ڪنهن کي ڪونہ ٿو ڏي. تون پنهنجي ڪم سان ڪم رک ۾ پڙهہ. پڙهي وڏو ماڻهو بڻج، نہ تہ گلوءَ وانگر ٻڪريون چاريندو رهجي ويندين.

ملوڪ: (ڀاڪر پائيندي) امان...جيجي امان... تون صحيح ٿي چوين... پورهيو ناهي مهڻو... آئون تہ گلوءَ وانگر نڪمو ڪونہ ٿيندس، پر وڏو ٿي، وڏو آفيسر ٿيندس. وطن جي خدمت ڪندس ۽ وردي پائي پهرين پهرين اچي توکي سلام ڪندس. ٺيڪ...!

اَنو: (ملوڪ جو هڪ دوست ٻاهران سڏ ڪندي) ملوڪ...! هل اسڪول جو وقت ٿي ويو آهي.

ملوڪ: چڱو امان آئون هلان ٿو.

ماءُ: اڙي اڙي نيرن تہ ڪندو وڃ!

(ملوڪ بغير نيرن جي ٿيلهو ڪٽي رمندو وڃي ٿو ۽ ماءُ ڏسندي رهجي وڃي ٿي)

——— * پردو ڪري ٿو * ———

يئيس سر!



يئيس سر (Yes Sir) !

ائڪٽ_ 1

جاءِ: ڪلاس روم

ڪردار: استاد، وزير ۽ شاگرد

پردو ڪُلي ٿو

منظر: ڪلاس روم شاگردن سان ڀريل آهي. سڀ شاگرد گوڙ ڪري رهيا آهن. استاد ڪلاس روم ۾ داخل ٿئي ٿو. سمورا شاگرد ادب وچان اُٿي بيهن ٿا. اُستاد ويهڻ جو اشارو ڪري ٿو. سڀ شاگرد ويهي رهن ٿا. استاد اجتماعي "اُٿ_ ويهہ" ڪرائڻ کان پوءِ ڏنڊو کڻي ڳالهائڻ شروع ڪري ڏئي ٿو.

اُستاد: پيارا شاگردؤ! ڇا اوهان کي ڄاڻ آهي تہ، اڄ وزير صاحب اوهان جي اسڪول جو دؤرو ڪرڻ لاءِ اچي رهيا آهن؟

شاگرد: (هم آواز ٿيندي) يئيس سر!

اُستاد: (خوش ٿيندي) شاباس! وزير صاحب جنهن مهل بہ اچن ۽ اوهان کان جيڪو بہ سوال ڪن تہ هر سوال جو جواب فضيلت سان ڪين ڏيندا. مطلب تہ سندن هر ڳالهہ تي "يئس سر" چوندا. ڇا چوندا؟

شاگرد: (ٻيهر هم آواز ٿيندي) يئيس سر!!

اُستاد: (اڪيون ڦوٽاريندي) سمجهو پيا يا نہ؟

شاگرد: (هم آواز ٿيندي) يئيس سر!

وزير: (اوچتو ڪلاس ۾ داخل ٿيندي) السلام عليڪم!

شاگرد: (اُٿي هم آواز ٿيندي) يئيس سر!

وزير: (حيرانيءَ وچان رڙڪندي) ڇا...؟

اُستاد: (ڦڪائيءَ وچان هوريان چوندي) بيوقوفو چئو: وعليڪم السلام.

شاگرد: (هم آواز ٿيندي) يئيس سر!

اُستاد: (گهبرائيندي) بيوقوفَ!؟

وزير: (ڪاوڙجندي) ماستر صاحب! ڇاهي سڀ ٻار چريا آهن؟

شاگرد: يئيس سر!

اُستاد: (پريشان ٿيندي) بدبختؤ! ڇا وزير سان ائين ئي ڪِل پوڳ ڪندا رهندؤ؟

شاگرد: (هم آواز ٿيندي) يئيس سَر!

اُستاد: (جذباتي ٿيندي) منهنجي ڳالهہ ڳَن ڪولي ٻُڌو اُها ڳالهہ اِها آهي تہ...!

شاگرد: (اڌ مان ڳالهہ ڳَٽي، هم آواز ٿيندي) يئيس سَر!

وزير: (خار وچان ٻاهر ويندي) خدا حافظ!

شاگرد: (هم آواز ٿيندي) يئيس سر!

اُستاد: (مٿي تي هٿ ڏيئي بيهوشيءَ واري حالت ۾ ڪُرسيءَ تي ڪِرندي) اوهان تي خدا جي مار پوي!

شاگرد: (هم آواز ٿيندي) يئيس سَر!

اُستاد: (نيم خوابي حالت وچان) پيارا شاگردؤ! وزير آڏو منهنجو پٽڪو لاهرائڻ لاءِ اوهان جي مهرباني!

شاگرد: (معصوميت وچان هم آواز ٿيندي) يييئيس سر!

(هدايتون: اُستاد بيهوش ٿي ڪُرسيءَ ۾ واڙجي وڃي ٿو. شاگرد گهبرائڻ واري انداز ۾ گڏيل همدردي وارا لفظ ڳالهائيندي، پنهنجي استاد کي سامت ۾ آڻڻ لاءِ زور ڏيڻ کان وٺي سندن مٿي تي تِريون هڻڻ شروع ڪري ڏين ٿا.)

بچڑیوال



ٻچڙيوال

ائڪٽ_ 1

جاءِ: **غريباڻو مسواڙي گهر**

وقت: **سنجها**

ڪردار: **بخشو (ٻچڙيوال غريب ماستر) ڀاڳ ڀري (ماستر جي زال) ضمير (ماستر جو داخلي ڪردار) ماسي خيران (دائي) چَنو (ڪير وارو) آدم خان (آدم شماري ڪنڊڙ سرڪاري ملازم) انور (مالڪ مڪان جو پٽ) ڪمون (ڏوبي) اوستو مولو (حجام) مونو (نوجوان ڪمپائونڊر) دادو (ريزڪي دڪاندار) باقي صحافي، گوپ، مُنو، پَپُو ڪِڪِو، دادلو ۽ دادا (ماستر بخشوءَ جا ٻار)**

ڏيک: **ماستر بخشوپنهنجي ڀڳل ٽُٽل ڪمري جي هڪ ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. ڪمري ۾ سموريون گهربل شيون بي ترتيب رکيل آهن، پرواري ٻئي ڪمري مان سندس ٻارن جي هُل هنگامي جا گاڏڙ آواز بہ اچي رهيا آهن. مالي مسئلن جو شڪار ماستر بخشو گوڙ ڪان بي نياز ٿيندي، پنهنجي پاسي واري ڪيسي مان هڪ نقلي نوٽ ڪڍي ٿو ۽ اُن کي چُمي، واپس ڪيسي ۾ رکي ڇڏي ٿو ۽ ساڳئي ڪيسي مان ٽي آنڪيون (پراڻا چانديءَ جا سڪا) ڪڍي ٿو ۽ انهن کي ننڍڙي رواتيءَ سان گسائي، گول ڪرڻ واري ڪم ۾ جنبي وڃي ٿو. ايتري ۾ پس منظر تان بخشو جي داخلي ضمير ڪردار جو آواز اُڀرڻ لڳي ٿو.**

ضمير: **بخشو...! تون آخرڪار ڪيستائين ٽڪي ٽڪي ملڻ وارا نقلي نوٽ رات جي اونداهيءَ ۾ هلائي، ماڻهن جي اکين ۾ سُرمو وجهندو رهندين؟ ڪيستائين پراڻين آنين کي رواتي هڻي، اُنهن کي پائلين جي شڪل ڏيندو رهندين؟**

چڙندي:

بخشو: آئون خودمختيار ۽ مرضيءَ جو مالڪ آهيان، جيئن وڻيم،تيئن ڪريان، تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟ تون ٿيندو ڪير آهين مون کي سمجهائڻ وارو؟

سمجهائيندي:

ضمير: آئون تنهنجو ضمير آهيان! منهنجو ڪم آهي. جڏهن تنهنجي وجود ۾ دوکو ۽ ٺڳي پرجي وڃي، تہ آئون توکي فورًا آگاهہ ڪريان.

اعتراف ڪندي:

بخشو: پائو ضمير خان! تون چوين سچ ٿو پر... منهنجي عيالداري مون کان اهي ڪڏا ڪم ڪرائي رهي آهي! پيٽ خاطر انسان هر ناجائز ڪم کي جائز سمجهي ڪندو آهي، بهرحال توکي معلوم هئڻ گهرجي، تہ اڄ آڇر جو ڏينهن آهي، پڇاڙيءَ واريون تاريخون آهن ۽ آئون انهن پريشان تاريخن جي وهڪري ۾ وهي رهيو آهيان ۽ هن وقت منهنجي دل چاهي رهي آهي تہ اڄوڪي اخبار گهرائي پڙهان ۽ اخبار جي ڪالمن ۾ ايترو ئي گُم ٿي وڃان جو دنيا جي اخبارن جا ايڊيٽر منهنجي حالت تي ايڊيٽوريل لکن!

محبت سان سمجهائيندي:

ضمير: ايڊيٽوريل چڱن ڪمن تي لکيا ويندا آهن چريا؟ پر اُنهن مسئلن تي نہ لکيا ويندا آهن، جيڪي هٿرادو پيدا ڪيا وڃن، تنهنجي عيالداريءَ جو مسئلو تو پاڻ پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو آهي ۽ جنهن تي مضمون لکيا ويندا آهن ۽ اِشتهارن ذريعي سمجهاڻي ڏني ويندي آهي، پر ائين لڳي ٿو تہ اهي تحريرون شايد تنهنجي نظرن مان اڃا نہ گذريون آهن.

وري ورچندي:

بخشو: انهيءَ ڪري توکي چيم نہ تہ زندگيءَ ۾ آءٌ اڄ پهريون پيرو اخبار گهرائي رهيوآهيان ۽ آءٌ اڄ

اُن خبر جو اکر اکر اکين سان پي، ذهن ۾ لاهيندس.
شايد زندگيءَ جو رخ خوشحاليءَ ڏانهن مُڙي.

هلڪي سختيءَ سان سمجهائيندي:

ضمير: خوشحاليءَ لاءِ عمل ۽ عمل لاءِ پختگي ضروري آهي.

چڙندي:

بخشو: ٻيلي خدا کي مڃ، منهنجي ڪم ۾ رنڊڪ نہ وجهہ ۽ منهنجي ذهن مان نڪري وڃ.

ضمير: اهو ڪارو ڏنڌو بند ڪر تہ پوءِ وڃان.

بخشو: بڪواس بند ڪر!

گفتگوءَ دوران ننڍڙوڪڪو خرچيءَ لاءِ هٿ ڊگهاڙي اچي بيهي ٿو. بخشو ٻار جي موجودگيءَ کان لاعلم آهي.

بخشو ٿڦڙ اولاري ٿو جيڪو ننڍڙي کي لڳي ٿو.

ڪِڪو: اَلا...!

ٻار سڪتي ۾ اچي وڃي ٿو:

بخشو: ڦوٽ...! اَڙي چُپ، تون وري ڪٿان نازل ٿئين؟ اوهہ منهنجا خدا...
اَچي هي تي پائليون اٿئي، انهن مان نموني سان انين آني جي اخبار ۽ چئين آني جا ٿڪي وارا نوٽ ڊوڙ پائي جلدي وٺي اَچ... وڃ! ها... ٻاهر گوپ کي بہ ساڻ وٺيو وڃ، متان ڪير پئسا ڦري نہ وڃنئي. وڃ!

ڪڪو روئندو آئوٽ ٿئي ٿو.
بخشو ٿڌو شوڪارو ڀري مٿي تي هٿ رکي، اجان ويهي ڪونہ

ٿو تہ ٻاهران ٻارن جو ۽ هڪ
ماڻهوءَ جو مليل جليل گوڙ ٻُڌڻ
۾ اچيس ٿو. هو ڇرڪي آواز
ٻُڌڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

ٻاهران: کير ڏي.. کير ڏي... کير ڏي.اَڙي! پري ٿيو
مار پونانوَ قلندر جي! کير ڏي.. کير ڏي.. ڇورا تہ
ڇورا!اڙي پري ٿيو.

اڳيان چنو کير وارو آهي ۽ پٺيان
اڌ درزن بخشوءَ جا ٻار لڳل آهن،
جن جي هٿن ۾ گلاسڙا نمايان
آهن. سڀ گڏ داخل ٿين ٿا.

سڀ ٻار: کير ڏي... کير ڏي... کير ڏي.
چنو: اَڙي ڇا پيو ڏسين بخشو... جهل پنهنجي ڌڻ کي.
بخشو: اڙي پري ٿيو ڇورا...!

سڀ ٻار کير واري کان کير جي
چؤنري ڦري وٺن ٿا ۽ سڀ کير
پيئڻ لاءِ چؤنريءَ جي چوڌاري
مڙي وڃن ٿا ۽ کير هارجي پوي ٿو.

سڀ ٻار: کير ڏي. کير ڏي.. کير ڏي...!

چنو: ميان جهلينِ. کير تہ ويو. ماڳهين چؤنري
چٻي نہ ڪري ڇڏين.
بخشو! اڙي پري ٿيو ڇورا...!

ٻار هڪ ٻئي کي گلاس اُڇلائي
هڻن ٿا ۽ چؤنريءَ کي هيڏانهن
هوڏانهن ڌڪين ٿا. آخرڪار

ڪافي ڇڪتاڻ کان پوءِ چؤنري
بخشوءَ جي هٿ ۾ اچي وڃي
ٿي. هو ٻارن کي اڇلائي هڻي
ٿو. جيڪا ڪير واري کي پٺن ۾
لڳي ٿي، جيڪو رڙ ڪري ٿو.

ڪير وارو: اَڙي گهوڙاڙي. مري ويس.

بخشو پُٺن کي زور ڏيندي چوي
ٿو:

بخشو: يار ڏڪ تہ ڪونہ لڳئي؟

ڪيروارو: واهہ واهہ.. هائي..! هٿ سان ڏڪ هڻي،
وري پڇين پيوتہ ڏڪ تہ ڪونہ لڳئي؟
اڙي... اَلا...!

بخشو: يار هنيم ڇورن کي ٿي، تہ پڇر ڇڏين، پر
اَپاڪي توکي لڳي ويئي.

ڪير وارو: بس بس گهڻي ٿي ماستر بخشو! گهڻي
ٿي. تو وارن ڇورن منهنجو پيڇو وٿاڻ کان
ائين شروع ڪيو جيئن مکيون ماڻي تي
مڙنديون آهن.

رڙيون ڪندي ڪير وارو
ڪنجهي ٿو.

بخشو: ٺهيو يار...بندوق تہ ڪانہ لڳئي، جو پاڏي
وانگر رنيون پيو ڪرين. منهنجو مطلب
آهي تہ آخر گوڙ ڪهڙي ڳالهہ تان ٿيو؟

ڪير وارو: هيڏي ٿي آهي! اڃان بہ پيو پڇين تہ
ڪهڙي ڳالهہ تان جهيڙو ٿيو آهي؟

سربستي ڳالهہ ٻُڌائيندي:

ميان! تازو ٿيون ڏينهن جي ڳالهہ آهي، شام جو
جيئن وٿاڻ تي وڃان تہ تو وارا ٻار مينهن
جي ٽٽن تي لڳا پيا آهن. مون کي ڏسي

پڄي ويا. ڪالهه ڪير رستي ۾ ئي هاري
ڇڏيائون ۽ هينئر صبح وارو ڪير ڏُهي،
جيئن وٽاڻ مان نڪتس، منهنجي سرگس
ڪندا اچي هتي نڪتا. باقي جيڪولقاءُ
ٿيو سو اڪين سان ڏٺئي.

معافي وٺندي: بخشو: يار! هڪڙو پيرو وري توکان معافي ٿو وٺان.

هٿ ٻڌندي: منهنجي اَڇي ڏاڙهيءَ کي ڏِسُ!

ڪير وارو: اَڇي ڏاڙهي، اَتو خراب! انهيءَ ڏاڙهيءَ
جي ڪري ئي تہ ماڻ ڪريو وڃان، نہ تہ
مولا جو قسم! سيني ڇورن کي وٽاڻ تي
ٻڌي، اُهي سونٽا ڇڪيان، جو... هاڻ هيئن
ڪر، منهنجو حساب ڪتاب چڪتو ڪر.

سبب بيان ڪندي: بخشو: ادا ٿوري مهلت ڏي، منهنجو حال تنهنجي
سامهون آهي. عيال گهڻو... آمدني ٿوري!

ڪاوڙ ڪندي: چنو: گهڻا ٻار تون ڄڻين، پوڳيان آءٌ. شرافت سان
منهنجي اوڏار ڪڙڪاءِ، ٻي حالت ۾ يا ڳوٺ
جي چڱي مڙس وٽ دانهيندس يا ٿاڻي تي
وڃي فرياد داخل ڪندس.

ڪيسي ۾ هٿ وجهندي: بخشو: توکي ڏوڪڙ ڪپن يا ٻي ڳالهہ؟ ڏيکارئين
ڪڙڪ نوٽ؟

خوش ٿيندي: ڪير وارو: او اها ڳالهہ... اڙي ها! ڳالهہ ٻُڌ، تو نوٽ جي
ڳالهہ ڪئي تہ هڪڙي ٻي ڳالهہ ياد اچي ويئي.

ڪجهہ شڪ ڪندي: بخشو: جلدي ٻُڌاءِ ڪهڙي ڳالهہ ياد اچي ويئي؟

بخشو ڪيسي مان خالي هٿ ڪير وارو: تازو ڪجهہ ڏينهن کان پنهجي ڳوٺ جي

ڪڍي، غور سان ٻُڌي ٿو.

بازار ۾ آنڪين مان ٺهيل پائليون ۽ ٽڪي وارا نقلي نوٽ پوليس پڪڙيا آهن ۽ هاڻي پوليس اُن ماڻهوءَ جي ڳولا ۾ آهي، جنهن اها غلط حرڪت ڪئي آهي.

ڳالهه لڪائيندي:

بخشو: بهرحال! زماني جا ڪار وهنوار آهن، پيا هلندا. باقي رهيا تنهنجا پئسا، سي توکي پهرين تاريخ تي ضرور ملندا.

ڪير وارو: اڙي هيءُ وري ڇا؟ هينئر چيئي تہ ڪڙڪ نوٽن جو درشن ڪرايائين ٿو ۽ وري...!

ڪوڙ ڳالهائيندي:

بخشو: تو منهنجي پوري ڳالهه ڪانہ سمجهي، چنا! مون توکي پهرين تاريخ جي نالي چيو هو.

ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيريندي:

ڪير وارو: ٺيڪ آهي، پهرين تاريخ بہ پري ناهي! ٻي حالت ۾ ڳوٺ جو چڱو مڙس يا ٿاڻو! چڱو... الله واهي!

ڪير وارو آئوٽ ٿي وڃي ٿو.

پاڻ مرادو ڳالهائي ٿو:

بخشو: واهہ عيالداري واهہ... ڪوٽن سڪن ۽ نقلي نوٽن جو وهنوار بہ نہ ڪرايئي. نہ گهڻا ٻار هجن ها، نہ اهي ٻي ايمانيون ڪرڻيون پون ها.

ويهڻ چاهي ٿو پر ٻاهران
سندس ڪڪو هڪ شخص
آدم خان کي آڳر ۾ وٺي اچي
ٿو ۽ پاڻ اخبار ڏيئي، هليو
وڃي ٿو.

آدم خان: ماستر علي بخش اوهان جو نالو آهي؟

بخشو: ابا تون وري ڪهڙو؟ جي! جي ها، جي ها...!

سلام ڪندي:

آدم: السلام عليڪم

جواب ڏيندي: بخشو: وعليڪم السلام

تعارف ڪرائيندي: آدم: منهنجو نالو آدم خان آهي.

بخشو: آءٌ ماستر علي بخش آهيان.

خوشيءَ جو اظهار ڪندي: آدم: مون کي اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي.

ڪن ٽار ڪندي: پر مون کي اوهان سان ملي ٽڪو خوشي ڪانه ٿي.

حيرانيءَ وچان پُڇندي: آدم: جي؟

بخشو: جي!

ڦڪائي لڪائيندي: آدم: اوهه... اَچا اچا، ڪا ڳالهه ناهي،ڪاڳالهه ناهي. ڀلا خوش ته آهيو نه؟

بخشو: نڪو.

حيران ٿيندي: آدم: چاق چڱا ڀلا ته آهيو نه؟

بخشو: اون هون؟

واٽڙو ٿيندي: آدم: متارا جوڙ؟

بخشو: نه...!

آدم: ٻار ٻچا، ڪير پٽُ؟

انگلش ۾ لفظ اُچاريندي: بخشو: نو.

بيزار ٿيندي: آدم: ته پوءِ ڇا آهيو؟

بخشو: دنيا جي بار گاڏيءَ جو آخري گاڏو، جيڪو ڪنهن به مهل ڪٽجي سگهجي ٿو.

عجب وچان اعتراف ڪندي: آدم: مون به گهڻا ئي انسان ڏٺا، پر توهان ماڻهو واقعي عجيب آهيو.

ڏک وچان چوندي: بخشو: انهيءَ سان گڏ غريب پڻ.

نرميءَ سان پڇندي: آدم: ڇا مون کان اهو پڇڻ پسند ڪندؤ ته مان اوهان وٽ ڇو لنگهي آيو آهيان؟

بخشو: واٽ جو ڀليل خود پتو پڇندو آهي. بهرحال توهان پنهنجي اچڻ جو قصو ٻڌائي سگهو

ٿا.

آدم: مان سرڪاري ملازم، يعني تہ ماستر آهيان. هن وقت اسان جون ڊيوٽيون توهان جي ٽڪ ۾ آدمشماريءَ لاءِ لڳل آهن.

ٿڌو ساهہ ڀري، هٿ ٻڌي مٿي نهاريندي:

بخشو: اوهہ منهنجا خدا! معاف ڪجانءِ يار! مون سمجهيو تہ تون بہ ڪو منهنجو پراڻو قرضي آهين. بهرحال پاڻ ٻيئي هڪ ٻيڙيءَ جا سوار آهيون. پڇ جيڪي پڇڻو اٿئي.

آدم: مان تقريبًا سڀ گهرشمار ڪري چڪو آهيان، باقي تنهنجو گهر رهيل آهي ۽ هن وقت اوهہ... مانيءَ جو وقت بہ ٿي چڪو آهي.

نظرون بچائيندي ۽ ڏڪندي:

بخشو: مانيءَ جو وقت.

آدم: ها! جيڪا وڏيري جي اوطاق تي تيار هوندي.

رجسٽر کولي پين جو ڍڪ لاهيندي:

هاڻي مهرباني ڪري جلدي ٻڌاءِ تہ گهر ۾ ڪل گهڻا ڀاتي آهيو؟ گهڻيون عورتون، گهڻا مرد ۽ ڪيترا ٻار آهن؟ گهڻا فوت ٿي ويا ۽ گهڻا زندهہ آهن؟

ڪيسي مان لکيل پنو ڪڍي ٿو.

بخشو: ادا لِکُ...مَري ويلن جو تہ ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. والد، والده ۽ ڏاڏو ڏاڏي ڪڏهوڪو گذاري ويا. نانا، ناني ۽ چاچو چاچي قبر ڪنڌيءَ تي آهن. ڄاڻ تہ ٽپڙ ٻڌندا، باقي جيئرن ۾ پهريون آئون آهيان.

آدم: توهان جو پورو نالو

بخشو: علي بخش عيالدار.

آدم: علي بخش عيالدار؟ ولد؟

لکندي ۽ چپن ۾ ورجائيندي:

بخشو: ولد... محمد بخش مالدار.

آدم: محمد بخش مالدار...ذات؟

بخشو: ڪنگلو.

آدم: ڪنگلو؟ ڇا اها بہ ڪا ذات آهي؟

بخشو: ميان! اها انترنيشنل ذات آهي، انترنيشنل؟ بهرحال جيئن چوندو وڃئين، تيئن لکندو وڃ.

آدم: جيئن تنهنجي مرضي.

ذات ڪنگلو... ها! اصل رهندڙ؟

بخشو: سُڄ پور.

آدم: هاڻي رهندڙ؟

بخشو: پينگ پور...!

آدم: اصل رهندڙ سڄ پور. هاڻي رهندڙ پينگ پور. ڪرت؟

بخشو: ٻارن جي ڏڻ کي سڄوڏينهن سپاتا هڻڻ. روزانو زال سان عرب اسرائيل وارو جهيڙو ڪرڻ ۽ صبح جو بنا نيرن جي وڃي اسڪول ۾ ماستري ڪرڻ.

آدم: يعني تہ توهان بہ ماستر آهيو؟

بخشو: صحيح سڃاتو اٿانوَ.

آدم: ڪرت ماستري. توهان جي عمر؟

بخشو: لڳان تہ ٻن صدين جو ٿو پر صحيح عمر 55 سال اٿم.

آدم: عمر 55 سال.ها! هاڻي پنهنجي زال جو نالو ٻُڌاءِ.

بخشو: تنهنجي ڀاڄائيءَ جو نالو 'ڀاڳ ڀري' ڏيءَ نياڳي جي، اوهہ نياڳي جي نہ، پر ڀاڳئي جي. ڀاڳئي جي. باقي ٽين ٽپڙ ۽ پار پتا ساڳيا مون وارا اٿس.

آدم: اَدا هڪڙو منٽ!

پاڳ پري، ڏيءَ پاڳيو. باقي برابر.. برابر.. برابر.. برابر

آگر سان نراڙ تان پگهر اُگهندي:

ها ادا...! هاڻي ترتيبوار ٻارن جا نالا پُڇايو. جريان نمبر پهريون

بخشو: ادا لک...جريان نمبر پهريون؟ گوپُ.

آدم: گوپ، ولد؟

بخشو: علي بخش

آدم: ولد علي بخش! نمبر ٻيو؟

بخشو: پپو.

آدم: پپو ولد؟

بخشو:علي بخش!

آدم: علي بخش! نمبر ٽيون؟

بخشو: مُنو.

آدم: مُنو. ولد؟

بخشو: علي بخش!

آدم: ولد علي بخش. نمبر چوٿون؟

بخشو: چُنو.

آدم: پائو...ٻار ته تنهنجا پنهنجا آهن نہ؟

بخشو: منهنجا ناهن ته ڪو مسواڙ تي وٺي آيو آهيان ڇا؟ چڱو نمبر چوٿون لک چُنُو!

آدم: چُنو. ولد؟

بخشو: علي بخش!

آدم: ولد علي بخش. نمبر پنجون؟

بخشو: ڪڪو.

آدم: ڪڪو. ولد؟

بخشو: علي بخش.

آدم: علي بخش. ڇهون؟

بخشو: دادن.

آدم: دادن... ولد؟

بخشو: ٻڌايومئين تہ علي بخش، علي بخش. لک ستون.

آدم: ترس ادا ترس! چڱو هينئر معاف ڪر. بُک بہ ڏاڍي لڳي آهي.باقي قسط سڀاڻي. خدا حافظ!

بخشو: ڀائو منهنجي ڳالهہ تہ ٻُڌندو وڃ! هائي هائي هن کي وڃڻ ئي کپندو هو. پيٽ جي اَچي لڳس. مٿان وري مون واري اگهوتري! بيشڪ سياڻن سچ چيو آهي تہ بُک بڇڙو ٽول، داناءَ ڪري ديوانا! اڙي واهہ ڙي مائي عيالداري واهہ... هاڻي تہ ماڻهو، مرون ۽ جهنگ جبل بہ تنهنجو نانءُ سڻي ڊڄڻ لڳن ٿا.

ماستر بخشو اخبار پڙهڻ ۾ مصروف آهي. سندس نظر اوچتو هڪ اشتهار تي پوي ٿي. هو ان کي پڙهڻ لڳي ٿو:

بخشو: ٻارن جي پيدائش ۾ وقفو ضروري آهي. توهان جيڪڏهن زندگيءَ جون حقيقي خوشيون ماڻڻ چاهيوٿا تہ فورًا پنهنجي شهر يا ڳوٺ جي ڪنهن ويجهي آبادي رٿابنديءَ جي آفيس يا ڪلينڪ سان لهہ وچڙ ۾ اچو.

هو ٿڌو شوڪارو ڀري ٿو.

چشمو لاهي صاف ڪري ٿو ۽

وري اخبار کي غور سان پڙهڻ لڳي ٿو.

ان وقت سندس سڀ ٻار اچن ٿا. گاڏيءَ وانگر لائين لڳائي، انجڻ جو آواز ڪڍن ٿا.

سڀ ٻار گڏجي: چڪ چُڪ. ڪُو. اُو
پاڻمرادو: بسم الله ...

ڪنن ۾ آڱريون وجهندي:

بخشو: خاموش...!

هم آواز ٿيندي:

سڀ ٻار: روڪي...! روڪي...!

سڀ ٻار سندس سامهون سامعين وانگر ويهن ٿا.

بخشو: خاموش...! هي گهيرو توڙي ميونسپالٽيءَ جي دڪانن وانگر لائن لڳايو... شاباس...! جلدي ڪريو.

بال جمپ ايڪشن ڪري ٿو.

گوپ: مون کي نئون بال ڪپي بابا...!
بخشو: هون... بال ڪپي! ۽ توکي...؟

مڇ وتڻ جو ايڪشن ڪري ٿو.

مُنو: زال ڪپي...!
بخشو: ڇا چيئي...!

آڱر تي بلور جو ايڪشن ڪري ٿو.

مُنو: ٿيش ٿيش...! مون کي نوان ڪنچا بلور ڪپن بابا...!

ڏڪ الاري ٿو

بخشو: پڻهين به بلورن راند رهي هئي، جو هليو آ ابليس مهانڊو بلورن راند ڪرڻ...! اَڙي ندورا! تون ٻُڌاءِ، توکي ڇا گهرجي...؟

اِتي ڏَڪر جو ايڪشن ڪري

پَپُو: چُري مُڙي ٿوپو...! اِتي هزار ٻي تي آگ نہ ڏيان.

تو.

فتافت اِتي ڏَڪر ڪپي...!
بخشو: چڱو چڱو تنهنجي فرمائش بہ نوٽ ٿي وئي.
اَڙي ڇورا! توکي ڪهڙو ڦاهو گهرجي...؟

لاٽون هلائڻ جو ايڪشن ڪري ٿو.

ڪِڪو: پراڻو لاٽون وڃائجي ويو آهي. نئون لاٽون وٺي ڏيو سو بہ هن وانگي...!
بخشو: ڏنگري مهانڊا...! اڙي توکي وري ڇا ڪپي...؟

تاس کي ٽاپي ڏيڻ جوايڪشن ڪري ٿو ۽ پڻس جي اڳيان ڪري ٿو جيڪو ڪاٺ لاهي ٿو.

دادلو: آگولا باندي، تو بن راڻي رانتي، هينان بادشاهہ بيڪار مٿان يڪو گرنار..!
ڇا هي بابا؟
بخشو: نولو عرف نائي...!
دادلو: رب ڪندو سڻائي... نائي تي انگي اکرين تو روپيہ تو پيسہ پورا ڇڏايو بابت نئين انگريچي تاش جي.
بخشو: چپ ڪر جواري...! ڪٽيو موالئ جي گوڏي جهڙو ٻوٽ بيٺو آهين...!
اڙي ننڍڙا وهہ جا ڳنڍڙا! توکي وري ڪهڙو موچڙو ڪپي جو داداگيرن وانگر سيٽيو بيٺو آهين.

داداگير وانگر سينو تاڻي ايڪشن ڪري ٿو.
هٿ ٻڌندي:

دادا: بابا...!

بخشو: پُٽ... گهر، جيڪي گهرڻو اٿئي...!
دادا: مون کي ڪيش يا چيڪ، ڪُلا يا ٻڌا...صرف پئسا گهرجن.!
بخشو: پئسا وري ارجنٽ گهرجن، او ڪنگال

بئنڪ جا ڪُٽل ڪاتا! ماڻهين ڪا مون وٽ نوٽن واري مشين ڪٽي آئي هئي جو...!

اڌ مان ڳالهه ڪاٽيندي:

دادا: بس بابا بس...! امان جي شان ۾ ايڏي گستاخي...!

هم آواز ٿي تائيد ڪندي:

سڀ ٻار: اها قبول ناهي.

ڇاتيءَ تي هٿ هڻندي:

دادا: توهان اسان کي ڄڻيو آهي تہ اسان جا سمورا انگل بہ پورا ڪرڻا آهن...! ڪيئن ڀائرو...؟

گڏجي تاڙيون وڄائيندي:

سڀ ٻار: بلڪل صحيح.
دادا: تنهنڪري اسين توهان کي التيميٽم ٿا ڏيون تہ اسان جي خرچيءَ جو بل فوريًا اداڪريو.
سڀ ٻار: پاس ڪريو! بحال ڪريو.

زور سان رڙ ڪندي:

بخشو: ورنہ...؟
سڀ ٻار: اسان سڀ ڀڄي ويندا سين.

پادر لاهيندي:

بخشو: تہ پوءِ متان ويا آهيو...!

سيني ٻارن کي ماري ٿو. خوب گوڙ ٿئي ٿو. آواز تي ٻارن جي ماءُ ڀاڳ ڀري اچي ٿي، ٻار خوش ٿي نعرا هڻن ٿا. تاڙي جي تال تي نچن ٿا.

دادا: نارائي اَمان...!
سڀ ٻار: جيئي اَمان...!

هو وري پادر لاهي ٻارن ڏانهن
ڊوڙي ٿو. سڀ ٻار ڀڄن ۽ ڊڪن
ٿا. ٿانو ٿپا ڀڄن ٿا، رڙيون ڪن ٿا.

سڀ ٻار: بچايو... بچايو... بچايو... بچايو...!

ڀاڳ ڀري ڇڏائڻ لاءِ وچ ۾ پوي
ٿي، اتفاقًا ڏڪ لڳي ٿو وڃيس
۽ هوءَ رڙ ڪري، ڪِري پوي
ٿي.
ٻه ٻار وڃن ٿا. بخشو بيهوش
ڀاڳ ڀريءَ کي کڻي وڃي ٿو ۽
وري اچي ٿو. ٻار روئي رهيا
آهن. دائي اچي ٿي، جنهن کي
اندر موڪلي، سڀ دعائون
گهرن ٿا. ڪجهه وقفي کان پوءِ
بيڪ گرائونڊ تان ننڍڙي ٻار
جي روئڻ جو آواز اُڀري ٿو.
سڀ ڏڪڻ لڳن ٿا. دائي
اندران ڳالهائي ٿي.

ڀاڳ ڀري: آئي...! مري وئيس....!
سڀ ٻار: امان...!
بخشو: اڙي ڇورا...! وڃو، وڃي دائي خيران کي وٺي
اچو.

دائي: ادا لک لک مُبارڪون هجانو...!
سڀ: ڇاجون...؟
دائي: جاڙا ٻار ڄاوا آهن.

ٻار جو ٻُڌي سڀ بيهوش ٿي
ڪري پون ٿا.

سڀ ٻار: هائين...!

—— * پردو ڪري ٿو * ——